شرابي نگاھون

امرتا پريتم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿوڪ
سوڀو

شرابي نگاهون

(ناول)

امرتا پريتم

قيمت ٧ روپيه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رابيل پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر ١٩

سال :- جون ١٩٨٤ع
تعداد :- هڪ هزار
ليکڪ :- امرتا پريتم
ترجمو :- هوندراج بلوائي
ڇپائيندڙ :- رابيل پبليڪيشن لاڙڪاڻو
ڇپيندڙ :- نيرنگ پرنٽنگ پريس ريشم گلي حيدرآباد

ملڻ جو هنڌ
رابيل ڪتاب گهر
لڳ مهراڻ هوٽل لاڙڪاڻو.

— يا —

() مڪتبهءِ اسحاقيه جهونا مارڪيٽ ڪراچي فون: ٢٣٠٢٠٠
برانچ :- اردو بازار ڪراچي
() جبران لميٽيڊ ٩٣-لبرٽي مارڪيٽ حيدرآباد فون ٣٤٧٦٠
() ادبيات تلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امرتا جون لکڻيون

امرتا جيڪا هڪ شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار آهي انهن چند ليکڪائن ۾ شمار ڪئي وڃي ٿي جنهن جون لکيٽون عواميت حاصل ڪري چڪيون آهن ۽ ان جو هر ڪتاب چاهه سان پڙهيو وڃي ٿو.

امرتا جنهن جو اصل نالو ”امرت ڪور“ آهي، تقريباً ۴۵ سالن کان مسلسل لکندي پئي اچي. هن مهل تائين هن جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن پر سندس لکڻين مان پهريون شاعري جو ڳٽڪو ”امرت لهران“ سندس سورنهن سالن جي ڄمار ۾، شايع ٿيو. پنجابي جي سندر ۽ منڙين لکڻين جي هيءَ ليکڪا ۳۱- آگسٽ ۱۹۱۹ع ۾ گوجرانوالا ۾ ڄائي. سندس ڪيتريون لکڻيون سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ ترجمو ٿي چڪيون آهن.

سندس والد گياني ڪرتار سنگهه هتڪاري پڻ هندي جو مشهور شاعر ۽ عالم هو. جنهن جي تربيت ۾ ئي هن لکڻ شروع ڪيو.

امرتا ڪيترا ورهيه آل انڊيا ريڊيو تان پروگرام پيش ڪندي رهي- ۽ اڄڪلهه دهليءَ ۾ رهي ٿي.

امرتا پنهنجي لکڻين ۾ عورت جي مظلوم روپ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي اجاگر ڪيو آهي. ۽ هن ناول ۾ پڻ هڪ اهڙي عورت ايڪتا جو ذڪر آهي جيڪا شادي ڪندي به غير شادي شده آهي ۽ ان عورت جي پيڙا جيڪا هن ڀوڳي آهي جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي.

رابيل پبليڪيشن پاران امرتا پريتم جو ٻيو ڪتاب آهي. هن کان اڳ اسين "همسفر" ڇپرايو هيوسين. اسين چاهيون ٿا تہ سنڌي زبان وڌ ۾ وڌ ناول هجن جيئن ناولن ڪوٽ جو پورائو ٿي سگهي. جيئن تہ هتي ناول گهٽ لکيا وڃن ٿا ان ڪري ڏي اسان کي ترجمن جو سهارو وٺڻو ٿو پوي.

هن کان اڳ بہ اسين لکي چڪا آهيون تہ اسان جي اشاعتي پروگرام ۾ اڳ شايع ٿيل ناياب ڪتاب شامل آهن ۽ ان ڏس ۾ جيڪو بہ دوست اسان جي مدد ڪندو اسين سندس ٿورائتا رهنداسين.

آخر ۾ سائين هوندراج بلوائي جا ٿورا.

نظام عباسي
جون ١٩٨٤ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شرابي نگاهون

(١)

ايڪتا کي پنهنجو پاڻ هڪ عورت جيان نه، هڪ راه جيان لڳو- راه، جا هميشه هڪ ڏي هنڌ بيٺل هوندي آهي، پر پوءِ به هميشه ڪٿان ايندي آهي، هميشه ڪيڏانهن ويندي آهي. ايڪتا جي من جي حالت به هڪ ئي جڳهه تي هئي، پر اها حالت انسان جي ان تاريخ جي پاسي کان ايندڙ لڳندي هئي، جا اڄ تائين لکي ويئي آهي، ۽ ان تاريخ ڏانهن ويندڙ لڳندي هئي جا اڄ تائين نه لکي ويئي آهي.

۽ ايڪتا جي من جو هڪ حصو اهڙو به هو، جو هميشه لاءِ ڪنوارو رهجي ويو هو، ۽ هڪ حصو اهڙو به هو جو هميشه لاءِ شادي شده ٿي چڪو هو، ڪنوارو ڇو رهجي ويو هو، ۽ شادي ٿيل ڪنهن سان هو، ايڪتا کي بلڪل معلوم نه هو. هن کي صرف حالت جو پتو هو. گذريل ڪيترن سالن کان کيس اهو معلوم ٿي رهيو هو، پر اڄ رتلام اسٽيشن جي پليٽفارم تي بيٺي کيس اهو معلوم ٿيو ته اها حقيقت آهي. مٿوءَ کان بمبئيءَ ويندي ۽ بمبئيءَ کان مٿو ايندي هنکي هميشه رتلام پهچي گاڏي بدلڻي پوندي هئي. گاڏي بدلائڻ لاءِ

هوءَ هميشه هن پليٽفارم تـي ويهندي هئي ۽ پليٽفارم جي پرسان ننڍيل هڪ ننڍڙي هوٽل ۾ هـوءَ هميشه ڪافيءَ جو پيالو پيئندي هئي.

اڄ جڏهن هوءَ ڪافيءَ جـو پيالو پيئڻ لاءِ هوٽل ۾ ويئي، ته جيڪو نئون ٻئرو هن لاءِ ڪافيءَ جو پيالو کڻي اچي رهيو هو، ان جي هٿ مان پيالو ڦري پرائي ٻئري ڇنيو، "هن لاءِ تـه ڪافي مان ئـي تيار ڪري ايندس، ٻيو ڪوئي ننڍو آڻـي سگهي." نئين ٻئري کـي شايد ايڪتا جي اميري شڪل ڏسي، عام ڪان وڌيڪ "ٽپ" ملڻ جي اميد هئي، هو پراڻي ٻئري سان وڙهي پيو هو، ۽ پراڻي ٻئري رعب سان کيس جواب ڏنو هو، "هيءَ هيڏڙي ننڍڙي ٻالڪا هئي، تڏهن ڪان مان ئـي کيس ڪافيءَ جو پيالو تيار ڪري ڏيندو رهيو آهيان. هاڻي تون ڪير ٿيندو آهين ڪلهه جو ڇوڪرو...."

ايڪتا سان ڏيان ڏنو - ٻئري جي عمر چڙهي چڪي هئي، ايتري جو هو ٿورو ڪبو لڳي رهيو هو. مشڪل سان ڏهن ورهين جو عرصو لنگهي چڪو هو، پر ايڪتا الهڙ ڇوڪريءَ مان جوان عورت ٿي ويئي هئي، ۽ ٻئرو هڪ جوان ماڻهوءَ مان ڇگو بزرگ ٿي ويو هو. ايڪتا هڪ آپيو ساهه کنيو.

ايڪتا ڪافي پي ۽ ڳاڏي بدلائـي جڏهـن مهوءَ پهتي ته سندس پاڻهه اسٽيشن تي وڃڻ ڪو نـه آيو هو،

پر گهر وڃي ياءُ سان ملي ايڪتاڪي ائين لڳو ته هن کي ايڪتا جي اچڻ جو انتظار هو. هوئن ايڪتا ڪيس اچڻ جي باري ۾ ڪونه لکيو هو.

ياءُ ڪجهه نه پڇيو. ايڪتا کي جيترا بہ ماڻهو سڃاڻن، سي ايڪتا کان ڪجهه پڇندا آهن، ڇو جو ايڪتا جي چپن تي آيل جواب سدائين سندس چپن جي سڳنڌ جيان هوندو آهي. خوشبوءِ سنگهي ويندي آهي، جهلي نه ويندي آهي. پنهنجي من کي چاهي هوءَ ڪيترو به پيڪوڙي، اها خالي ئي رهيل لڳندي آهي، ۽ هڪ دفعو پڇڻ وارو من خالي رهيل ڏسي حيران ٿي ويندو آهي يا جهنجلائجي اٿندو آهي، ان ڪري وري ڪجهه نه پڇندو آهي.

ايڪتا اداس هئي، ان باري ۾ به ڪجهه چئي نٿو سگهجي. تمام خوبصورت عورتن جو روپ اڏامندڙ دز وانگر ٿيندو آهي، جو ڏسندڙن جي نظرن ۾ اٽڪي پوندو آهي يا خشڪ مٽيءَ وانگر ٿيندو آهي، جنهنجي ڏارن ۾ ڏسندڙ جي نظر کپي ويندي آهي پر ايڪتا جو روپ شروع کان ئي لسي مٽيءَ وانگر هو. ڏسندڙن جي نظر ان تان ترڪي ويندي هئي. نظر هن کي نه چوريندي هئي پر خود ئي کسڪي ڪري دور ٿي ويندي هئي.

دنيا ۾ خوبصورت عورتن جي ڪمي ناهي. ڪيترين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪنهن انگ جي هڪ خاص اثر ڪي الڳ ڪري ڏسي سگهجي ٿو، اينرو جو اهو انگ عورت جي باقي انگن جي ذڪر جي ضرورت نٿو رهڻ ڏئي. پر ايڪتا جو هر انگ اهڙو هو جو ڪنهن هڪ انگ جو ذڪر باقي انگن جي ذڪر جي ضروت وڌائي ڇڏيندو هو. انگن جي نوڪن ۽ گولائين کان به الڳ هڪ چيز هئي، هوءَ ڏسندي هئي ته ڏسڻ وارن کي اهو احساس ٿيندو هو، ته اهو جو ڪجهه هو ان کان به وڌيڪ چونڊ هئو.

ڪيترا ڏينهن گذري ويا. پاءُ ڪجهه نه پڇيو، پاپيءَ به ڪجهه نه چيو. ماءُ جي جائداد مان ايندڙ آمدني هن ۽ سندس پاءُ لاءِ، هميشه اڌو اڌ هوندي هئي. رقم گهٽي ڪين هئي پر ايڪتا جتي به هوندي هئي ڪيس اتي پهچي ويندي هئي.

پاءُ صرف هڪ ڏينهن اهو چيو، ”رگهوءَ جو خط آيو هو، تنهنجي اچڻ کان ڪجهه ڏينهن اڳ.“ ايڪتا صرف ”چڱو“ چيو ۽ ٻيو ڪجهه نه. اهو اندازو هن پهرين به لڳايو هو، ڇو ته پاءُ سان ملندي ئي پهرين ڏينهن ئي هن کي لڳو هو، ڪيس سندس جي اچڻ جو ڏي انتظار هو. خط ۾ ڇا لکيل هوندو، سا ايڪتا کي سڌ هئي.

”ايڪتا ۽ رگهوءَ جي شاديءَ جي ٻنڌن جو عرصو ڏهه ورهيه هو. ڏهه ورهيه پورا ٿي ويا، هينئر ايڪتا ۽ رگهو ٻئي آزاد آهن.“

اهو مدو ڪيئن گذريو؟ ايڪتا جو خيال هو تہ جنهن هيءُ مدو گذاريو آهي، ان کي معلوم آهي تہ ڪيئن گذريو۔ ۽ جنهن کي معلوم ناهي، ان جي لاءِ ڄاڻڻ ضرروري ڪونهي۔ ان ڪري چاهي پيءُ ۽ ڀاڀيءَ ڪجهہ پڇيو ڪونہ هو، پر انهن جي اکين ۾ آيل سوال جو بہ ايڪتا کي جواب نہ ڏنو۔ اهو ايڪتا بہ مڃيندي هي تہ سندس پيءُ ايڪتا جي دوستن وانگر ۽ ڀاڀي ساهيڙين وانگر هئي۔

ساهيڙين ۾ ايڪتا جي هڪ پريا جيڪا ايڪتا جي زندگيءَ ۾ هڪ خاص جڳهہ رکندي هئي۔ پئي مهو جي هڪ ئي ڪاليج ۾ پڙهيون هيون، ٻنهي جا احساس هڪ جهڙا بہ هئا ۽ گهرا بہ، پر هڪ فرق هو۔ ايڪتا پنهنجي من جي چٽي تي هلندي هئي۔ ڪا وڏي ۾ وڏي مشڪلات بہ هن جي لاءِ وڏي ڪانہ هوندي هئي۔ پر پريا خود ئي پنهنجي احساسن کان ڊڄي ويندي هئي۔ هڪ ڊپ ۽ هڪ مشڪلات هڪ ئي وقت هن جي اندر حرڪت ۾ اچي ويندا هئا، جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو هو تہ هن جي اندر ۾ ڊپ ڦهلجي ويندو هو، باهر ڪجهہ سميٽجي ويندو هو۔ هوءَ ايڪتا ۽ انگر سوچي بہ وٺندي هئي پر ايڪتا جيان ڪجهہ ڪانہ ڪندي هئي۔ سوچ جي آسپاس ڪا سيما نہ هوندي آهي، پر ڪجهہ ڪري سگهڻ جي آسپاس وڏي سخت سيما هوندي آهي۔ ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري جتي ڪجهه به ڪري سگهڻ جو سوال ايندو هو، اتي هوءَ چپ چاپ ٻيهي رهندي هئي. صرف ڏسندي هئي. هڪ طرف ايڪتا جو ڪجهه ڪري گذرندي هئي، ان مان پنهنجي ڪلپنا کي پيار ڪري ان کي پنهنجي زندگيءَ جو حصو بڻائي ڇڏيندي هئي پريا پنهنجي حقيقت جو ڪجهه حصو جڻ پنهنجي سوچ سان نه، ايڪتا جي سوچ سان حاصل ڪيو هو. ان ڪري هن جي لاءِ ايڪتا جي هستي پنهنجي هستيءَ جيان ضروري ٿي ويئي هئي.

ڪاليج جي ڏينهن ۾ لڳ ڀڳ هڪ ئي وقت پريا کي بنگال جي ڪنهن نڪلراءِ چوڌري سان محبت ٿي هئي ۽ ايڪتا جي پنهنجي ذات کان ٻاهر رگهو واليا سان. پريا جو لڳاءُ ڪو ڏڪاڻو نه گولهي سگهيو هو. ۽ هن چپ چاپ جتي ماءُ پيءُ چيو، شادي ڪري ڇڏي هئي. پر ايڪتا ضد ڪري آخر رگهو واليا سان ئي شادي ڪري ڇڏي. ايڪتا جي من ۾ جيڪو آيو ڪري ڏنائين. پريا، جو ڪجهه به من ۾ آيو، دٻائي ويئي.

پريا کي خط آيو. دهليءَ کان نه، بمبئيءَ کان ته سندس مڙس کي بمبئي شهر اينترو پسند آهي جو هن پنهنجي پرڊڪٽس جي لاءِ شهر بدلائي ڇڏيو آهي. هوءَ شهر بدلجڻ تي خوش هئي ته ڪيس ايڪتا ملي ويندي. پر بمبئيءَ اچي ڪيس پتو پيو ته ايڪتا بمبئيءَ ۾ نه،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهو ۾ آهي. ان ڪري هوءَ ڪجهه ڏينهن لاءِ ايڪتا وٽ مهو اچي رهي. خط ۾ صرف پريا جي اچڻ جي خبر هئي ٻيو ڪجهه نه. ايڪتا سمجهي ٿي سگهي ته بمبئيءَ ۾ اچي جڏهن هن ايڪتا جو پتو لڳايو هوندو ته ان پٺي ۾ اگر هن گهڻو ڪجهه، ته به ٿاڻو هوندو، ته به ڪجهه ضرور چاتو هوندو.

پريا جڏهن مهو آئي— آئي ماءُ-پيءُ جي گهر هئي، پر آئي صرف ايڪتا سان ملڻ لاءِ هئي. ايڪتا کي ڏسي هن کي لڳو ته ايڪتا جي باري ۾ جو ڪجهه به هن ٻڌو هو، ضرور غلط ٻڌو هو. ايڪتا جون اکيون ته اهڙيءَ ئي ريت چمڪي رهيون هيون!

جڏهن پريا، ايڪتا جي پرسان اڪيلائي ۾ ويٺي ته هن پڇيو— ”ايڪي، تون بمبئيءَ ڪڏهن ٿي هلي؟“ ايڪتا ڳالهه ڏنو— ”جڏهن مَن چوي تڏهن هلنديس. منهنجي من جي ته توکي خبر آهي، ڪري ته اڄ ئي ڪري، نه ڪري ته ڪڏهن به نه ڪري.“ ايڪتا جا ڪنهن کي ڪجهه پڇڻ جو وجهه نه ڏيندي هئي ۽ جيڪڏهن ڏيندي هئي ته ڪجهه جو پتو نه لڳڻ ڏيندي هئي پر پر وجهه به ڏيندي هئي ته ڪجهه جو پتو به..

”ڪهڙو جو خط ايندو اٿئي؟“

”نه“

”ڇڪلي! بمبئي جهڙي شهر ۾ جوان مڙس کي هيڏا

ڏينهن اڪيلو نہ ڇڏڻ گهرجي."

"منهنجي ماءُ زنده هجي ها تہ اها بہ ائين چوي ها."

ايڪتا ڪلندي ويئي. ڪل ڪيترا ڀيرا هن کي ايندي بہ نہ هئي، لاچار ڪلندي هئي. ڪل بہ ۽ روئڻ بہ. نہ کيس گهڻيل ڪل پسند هئي نہ گهڻيل روئڻ. ايڪتا ۾ ڪجهہ اڻ ڇهيو هو جنهن تي نہ ڪنهن ساٿ جو اثر ٿيندو هو، نہ ڪنهن سپيتا جو. پريا ان ڳالهہ کي ڪيترا ڀيرا هن ريت چوندي هئي "ايڪي! تو ۾ ڪجهہ اديواسين جهڙو آهي- جهونو پراچين." هوئن ايڪتا جي ان ڪجهہ سان پريا کي عشق هو.

ان رات پريا ايڪتا وٽ رهي. ٿيون چوٿون حصو رات جو هن جي بستري تي ويٺي رهي. رات بہ دل کولي آسمان ۾ تارا وڇائي رکيا هئا، پريا جو ڪجهہ بہ پڇيو، ايڪتا دل کولي کيس ٻڌائي ڇڏيو......

"ايڪي، تو رگهوءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ وڏيون تڪليفون ڏنيون هيون."

"تو ڙڻ لاءِ بہ ايتريون ڏنيون آهن. هڪ طرح سان وڏيڪ، ڇو جو وقت جي لنبائيءَ جو فرق آهي. هن کي پائڻ لاءِ ٻہ سال لڳايا هئا، ڇڏڻ لاءِ ڏهہ."

پريا کي شايد پنهنجو پاڻ گهڻو ڪجهہ ياد اچي ويو. هوءَ چوڻ لڳي- "ڇگو، ڏهہ سال ٿي سهين، پر تو

ڏهه سال ماڻي ڪري ته ڏنو، ان سان گڏ جنهن ڪي
تو چاهيو."

"پريا، ڏهه سال مان جي نه، جيئڻ جي ڪوشش
ڪندي رهي آهيان. رگهو سان نه ته شادي ڪريان ها
ته پوءِ به ڪوشش ڏي ڪندي رهان ها. شادي سان
ڪوئي فرق نه پيو آهي."

"جيڪڏهن ڪوئي توکي چاڻي ٿو ته مان چئي
سگهان ٿي ته مان توکي سڀني کان وڌيڪ چاڻان ٿي.
پر مون کي اهو به پتو آهي ته، ڪڏهن ڪڏهن مان
توکي بلڪل نٿي چاڻان."

"ان ۾ نه چاڻڻ جي ڳالهه ڪانهي، پريا، ماڻهو
پهرين ڪنهن سان ملندا آهن، پوءِ شادي ڪندا آهن
پر مون کي ائين لڳندو آهي. رگهوءَ کي مان بعد ۾
ملي هئس، پر منهنجي من جو هڪ حصو پهرين ئي
شادي ڪري چڪو هو."

"اهو مونکي تو پهرين ڪڏهن به ڪونه ٻڌايو آهي."

"مونکي خود به پتو نه هو."

"مان توکي جڏهن به چوندي هئس ته توکي هري
بيحد پيار ڪندو هو."

"ڪندو هو پر مان رگهوءَ کي پيار ڪندي هئس."

"توکي مسٽر سين ياد آهي؟"

"ياد آهي."

”تنهنجو هو بلڪل ديوانو ٿي پيو هو. تڏهن تنهنجو پيءُ زنده هو. هن تنهنجي پيءُ سان ملي ڪيس چيو هو ته هو توسان شادي ڪرڻ چاهي ٿو.“

”مان پيا جي سامهون سندس اهل ڪندي هئس. تمام ننڍي هئس، هو مون کان گهڻو وڏو لڳندو هو، سمجهي نه سگهندي هئس.“

”توکي ياد آهي ته تون اسان، پنهنجين ساهڙين کي گڏ ڪري سين جي اسٽوڊيو ۾ هلندي هئينءَ؟“

”هن کي چيڙائڻ لاءِ. هو ويچارو ٿوري دير جي لاءِ به اسٽوڊيو کان ٻاهر ويندو هو ته دروازي تي تختي لڳائي ويندو هو ته هو هيٺري بجي کان وٺي هيٺري بجي تائين ٻاهر هوندو، ۽ جيڪڏهن ڪوئي غير حاضريءَ ۾ اچي ته ضرور هن جو انتظار ڪري. ان ڪري سان سندس مراد مان ئي هوندي هئس.“

”۽ تون سندس انتظار ڪرڻ بجاءِ، جڏهن هن جي اچڻ جو وقت ٿيندو هو ته چاڙهي واٽي اتان هلي ويندي هئينءَ.“

”هن کي چيڙائڻ لاءِ.“

”هن جي خالي ڪمري ۾ ويهي، هن جي اسٽوو تي چانهه ٺاهي ۽ اسان سڀني ڇوڪرين کي پيئاري، هن جي اچڻ کان اول تون هلي ويندي هئينءَ.“

”ان ڪري ته ٽڙيل ڀڪڙيل پيالن مان هن کي معلوم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿئي ته مان آئي هئس.“

”بدقسمت! ان رگهوءَ کان ته تون هن سين سان شادي ڪري ها. هو تنهنجو گهڻو قدر ڪري ها.“

”مان سين کي پيار نه ڪندي هئس.“

”پر رگهوءَ ۾ تو ڇا ڏٺو هو؟“

”مون هينئر ٻڌايو ته منهنجي من جو ڪجهه حصو ٻهرين ئي شادي ڪري چڪو هو ۽ رگهوءَ کي مون بعد ۾ ڏٺو هو.“

”اهو ته ٻڌايو ڪونه ته اهو ڪير هو.“

”ڀڳلي، اهو ته مون کي به معلوم ناهي. اهوئي ته ڳوليهي رهي هئس. اصل شادي انسان سان نٿي ٿئي، هڪ تصور سان ٿيندي آهي. مون سوچيو هو، رگهوءَ ۾ منهنجو تصور مونکي ملي ويندو ۽ منهنجي من جو ڪنوارو حصو به هن سان شادي ڪري ويندو....“

”پر اهو ڇا ٿي ويو، ڪيئن ٿي ويو، هينر ڇا ٿيندو؟“

”جو ٿي ويو مون ڄاڻي واڻي نه ڪيو، پاڻ سان نيڪ ڪيو هوم. ”نيڪ“، نيڪ نه ٿئي ته مان ڇا ٿي ڪري سگهان.“

”توکي خبر آهي، رگهو خوبصورت مردن مان هو.“

”هاڻي به آهي.“

”هينئر ته خبر ڪجهه گهٽجي ويو آهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تو هن کي هنن ڏينهن ۾ تہ ڏنو آهي، سندس جواني ڇڻ وري واپس موٽي آئي آهي.“

”توکان وچڙجي جواني ايندس، يا ٻڍاپو؟“

”وچڙجي جواني ايندس، نہ وچڙجي ها تہ ٻڍاپو اچي وڃيس ها.“

”پر هو توسان گڏ خوش نظر ايندو هو.“

”ان خوشيءَ جي قيمت مان چڪائيندي رهندي هيس. پر اڄڪلهہ هو خوش نہ هو ڇو جو وڏيڪ قيمت چڪائڻ کان مون انڪار ڪري ڇڏيو هو.“

”مونکي تنهنجون پروليون سمجهہ ۾ نہ آيون؟“

”پرولي ڪائي ناهي، پريا، توکي چڱيءَ طرح معلوم آهي تہ رگهوءَ کي سال ۾ هڪ اڌ دفعو ڪنهن ڇوڪريءَ سان عشق ٿي ويندو هو.“

”پر تون ڀورين ان ڳالهہ کي ڪلي ٿاري ڇڏيندي هئينءَ. تون ان کي عشق نہ، خفت چوندي هئين.“

”هينئر هن دفعي خفت نہ، عشق چوڻ چاهيان ٿي.“

”هينئر هن کي وري...“

”هن جو خيال آهي تہ هن دفعي هو بلڪل سيريس آهي.“

”ڊوڙ سيريس هوندو، هو ٿي ٿي نٿو سگهي.“

”تہ ہِ ٽيڻ جو موقعو تہ هن وٽ هئڻ گهرجي،

جهڙيءَ ريت هو پهرين هميشه چوندو رهيو آهي ته هن جو مستقبل تمام وڏو ٿي سگهيو پيو، پر مون سان جلدي شادي ڪرڻ سبب هن وٽ وڌيڪ تعليم جو موقعو ئي نه رهيو.“

”شادي جي لاءِ هن خود تڪڙ ڪئي هئي، مونکي چا خبر ڪانهي.“

”ڪئي هئائين سو هو به چائي ٿو، پر شاديءَ جي هڪ گهڙي گذرندي ئي هو چوڻ لڳو هو— ”آءُ هئڊ تو مئري يو“ اها ”هئڊ“ واري ڳالهه جيتري دير سهندي رهي آهيان، اهو هينئر پنهنجو به ايمان ٿو لڳي ۽ هن جو به. مان صرف پنهنجو نه، هن جو به ايمان نٿي ڪرڻ چاهيان. مون هن جي زندگيءَ ۾ داخل ٿي هن جو هڪ موقعو گم ٿيڻ ڏنو. تمام وڏي ڪئريئر ناهڻ جو. هينئر هي پيو موقعو آهي هن جي لاءِ - پيار ڪرڻ جو. مان نٿي چاهيان ته هو منهنجي لاءِ اهو موقعو به وڃائي ڇڏي.“

”پر ايڪي! هاڻ تون چا ڪندينءَ؟“

ايڪتا اچا تائين ڳالهيون ڪري رهي هئي، نه کلي ڪري نه روئي ڪري پر پريا جي هن سوال تي ايڪتا کي کل اچي ويئي.

”اهـا کلڻ جي ڳالهه آهي؟“ پريا روئڻ-ٻهارڪي ٿي چيو.

”پاڳي هي وقت بيڪار ويهي چا ٿو ڪري، ڪجهه

ڪم ان کي به سونپڻ گهرجي. ان کي سون لاءِ جيڪي ڪرڻو هوندو ڪري ڇڏيندو."

"وقت ڪنهن جو ڪجهه نٿو ڪري،" پريا چئي اداس ٿيندي ويئي. هن وقت شايد ڪيس ايڪتا نسيم پنهنجو پاڻ ياد اچي رهيو هو.

"هري اڄڪلهه ڪٿي آهي؟" پريا ڪجهه سوچي چيو.

"خبر ناهي."

"هينئر به هري جڏهن ياد ايندو آهي منهنجي دل کي ڪجهه ٿيڻ لڳندو آهي،"

"ڪمبخت پنهنجو پاڻ تباهه ڪري ڇڏيو."

"ان ۾ تو کي ڪڏهن پنهنجو قصور نٿو لڳي؟"

"نه، ان ۾ منهنجو ڪو قصور نه هو."

"هو توکي نجاڻان ڪيترو پيار ڪندو هو! هونئن دوست رگهوءَ جو هو."

"پئي هڪ ڏي وقت منهنجا واقف ٿيا هئا."

"پڳلي، هن طرف تو نظر ڪٿي به نه نهاريو!"

"ان وقت رگهوءَ کان سواءِ ڪجهه نظر به ڪونه ايندو هو."

"هن چاهي وري پنهنجي واتان ڪڏهن ڪجهه نه چيو، پر هميشه هڪ پاڇي جيان توسان گڏ رهيو."

"هو منهنجو عشق نه هو، منهنجو حوصلو ضرور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. شاديءَ بعد جڏهن رگهوءَ گهڻو تنگ ڪرڻ شروع ڪيو، هو چپ چاپ ايندو ۽ ان ريت ڏسي هليو ويندو هو جو مون ۾ ڪلي ڪري ڳوڙهن ڪي پيئڻ جي همت اچي ويندي هئي."

"ڪڏهن ڪجهه چوندو نه هئي؟

"نه تي پيرا ائين اوس چيو هو- "پاپي، مان توکي روئندو نٿو ڏسي سگهان، ڪڏهن به اهو نه سوچج ته تون هن دنيا ۾ اڪيلي آهين. مان هميشه توسان گڏ آهيان. جيڪو ڪم ڪرڻو هجيئي، ڪري ڇڏج."

"جيڪو فيصلو تو اڄ ڪيو آهي، تڏهن ڪرين ها، جيڪڏهن توکي رگهوءَ کان وڇڙڻو ٿي هو...."

"فيصلا وقت تي ٿيندا آهن پريا! وقت کان پهرين نه."

"هينئر هو ڪٿي آهي؟"

"توکي پتو آهي ته هن شراب به پيئڻ شروع ڪيو هو. غلط عورتن ڏانهن وڃڻ به...."

"ان ۾ هن جو گهڻو قصور ناهي، ايڪي! ڪوئي سهي ته آخر ڪيسين سهي."

"مان قصور جي ڳالهه نٿي ڪريان. اها ڳالهه ٿي ڪريان ته هو بيمار رهڻ لڳو هو. شهر ڇڏي هليو ويو هو، خبر ناهي ڪيڏانهن مون کي اها به سڌ ڪانهي ته اڃا تائين هو زنده به آهي يا نه."

”اهو سچو تنهنجو قصور آهي.“

”منهنجو قصور ڇو؟“

”هو توکي پيار ڪندو هو.“

”ان حساب سان هيئنر جيڪڏهن منهنجي اهڙي حالت ٿي وڃي ته اهو سچو قصور رگهوءَ جو ٿيندو؟“

”ها، سچو قصور رگهوءَ جو ٿيندو.“

”ان ۾ هن جو ڪهڙو قصور آهي. مان ساڻس پيار ڪندي هيس ان ڪري مان ڏوهي آهيان.“

”پر هو به توکي پيار ڪندو هو، ڪجهه ڏينهن ته تو جيءُ ڏنو هوندو.“

”جيتري قدر ياد آهي، مون به ڏينهن جيءُ ڏنو هو، جنهن ڪي سچ پچ جيئڻ چوندا آهن.“

”ڪڏهن؟“

”توکي خبر آهي شادي کان اڳ رگهو سيٺي کان چوريءَ مون سان ملڻ لاءِ ايندو هو؟“

”مون کي سڀڪجهه ياد آهي.“

”هڪ رات پيا کان چوريءَ... تڏهن پيا هئو- هو مونکي هڪ فلم ڏيکارڻ وٺي ويو هو. منهنجي پاپيءَ تڏهن منهنجي مدد ڪئي هئي. هن چيو هو ته اسين جڏهن فلم تان واپس ايندا سين، هو ڏيڙي دروازي جي ڪنڊي کولي ڇڏيندي. پيا کي پتو نه پوندو.“

”مون کي ياد آهي، توهان ٻئي جڏهن آڌيءَ رات

واپس آيا هئا، تڏهن پاپيءَ کي انتظار ڪندي ڪندي ننڊ اچــي ويئي هئي. صبح ٿيڻ تــي هـو. جڏهن هوءَ گهبرائجي جاڳي هئي ۽ هن ڪندي کولي هئي، ته هوءَ ڇرڪ ڀري رهي، هن ان رات دروازي جــي پرسان ويهي رهيا هئا."

"بس، ان رات ئي جيءُ ڪري ڏنو هو. رگهوءَ پنهنجو ڪوٽ نه صرف مون کي پهرايو هو، پاڻهن جو هڪ آ ڪيڙو ٻڌائي مون کي ان ۾ ويهاري ڇڏيو هو.... ۽ هڪ رات ٻي هئي، اها به شاديءَ کان پهرين، ڏياريءَ جي رات. پپا کي رگهو بلڪل پسند نه هو، ان ڪري هو گهر ۾ اچي نه سگهندو هو. مـان ساري رات گهر جي ديوارن تي ڏيئا جلائيندي رهيس ۽ رگهو گهر کان ٿورو-دور سامهون رستي تــي گهمندو رهيو. مـان ڪيس رستي تي گهمندو ڏسندي رهيس. هو مون کي وري وري ڏيئا جــلائيندي ڏسندو رهيو. تمام اونـداهــي رات هئي، پر اسان ٻنهي جي وچ ۾ ان رات گهڻن ئي ڏيئن جي تابش هئي. هڪ مون ان رات جي ڪري....." اهي لفظ اچا ايڪتا جي وات ۾ هئا ته هن جي اهڙو روئڻ نڪتو جنهنجو ڪوئي بند نه هو.

پريا کان ايڪتا جي ڪل نه سمجهي ويندي هئي پر هيءُ ته ايڪتا جو روئڻ هو. پريا کي ايڪتا جي اها ڪل به ياد اچي ويئي هئي جا هن هڪ دفعو ڪاڳالهه

ٻڌائيندي ايڪتا جي چهري تي ڏني هئي. ايڪتا جي پيءُ کي ٽن ڏينهن ۾ اسپتال ۾ نئين نئين نوڪري ملي هئي، ڪيس رات جو اسپتال ۾ رهڻو پوندو هو. رهڻ لاءِ هڪ ڪمرو مليل هو، پورو ڪوارٽر نه. ان ڪري ايڪتا ٻاهر هڪ ڪمرو مسواڙ تي وٺي الڳ رهندي هئي. موڪل جي ڏينهن اتي رگهو ايندو هو. هڪ رات رگهوءَ جي طبيعت ٺيڪ ڪانه هئي پر هن جو رات پنهنجي ڪمري ۾ رهڻ ضروري هو، انڪري ان رات ايڪتا سندس ڪمري ۾ رهي هئي. اسپتال مان فون آيو هو ته رگهوءَ کي ان حالت ۾ به ڪجهه دير جي لاءِ اسپتال وڃڻو پيو هو. ڪمري ۾ ايڪتا اڪيلي هئي. فون آيو. ڪنهن ڇوڪريءَ جو آواز هو– ”رگهو، آءِ سپوز يو آر فري ٽو نائيٽ. مي آءِ ڪم؟“ (رگهو، مان سمجهان ٿي، تون اڄوڪي رات فري آهين. مان اچان؟) ايڪتا فون ٻڌي رهي هئي ته پوءَ هن کلندي-کلندي چيو هو– ”آءِ سپوز هي از ناٽ فري ٽو نائيٽ. آءِ ائم هيئر، هز وائف–“ (مان سمجهان ٿي ته اڄوڪي رات هو فري ڪونهي. مان هت آهيان، هن جي زال.) اها ڳالهه ايڪتا رگهوءَ کي نه ٻڌائي هئي، پر رگهوءَ کي ان ڇوڪريءَ وٽان پتو پئجي چڪو هو. هو سمجهي نه ٿي سگهيو ته هو ڇا ڪري، پر ايڪتا کلندي رهي هئي– ته اڄ پريا پريشان هئي ته ايڪتا جا هن طرح کلي سگهندي هئي، سا هن طرح روئي به سگهي ٿي؟

”خبر ناهي ڪڏهن مون کي چا ٿي ويندو آهي.“
ايڪتا تمام گهڻي دير بعد پاڻ کي سنڀاليندي چيو ـ
”مون هن پيري جڏهن مهو ايندي رتلام ۾ گاڏي بدلي هئي، اتي مون ڪافي پيتي هئي. هميشه پيئندي آهيان. اتي هڪ ٻڍرو آهي، گهڻي پيار سان هو مون لاءِ ڪافيءَ جو پيالو ناهي ايندو آهي. ان ڏينهن ڪوئي نئون ٻڍرو آٽڻ لڳو ته هن سان وڙهي پيو. ۽ مون کي ياد آيو ـ پهرئين پيري جڏهن مان اڪيلي بمبئي ويئي هئس، رگهوءَ کي اهو چوڻ لاءِ ته جيڪڏهن هو مون سان شادي ڪرڻ چاهي ٿو ته هينئر جلدي ڪري. نه ته منهنجو پيا زبردستيءَ ڪنهن سان منهنجي شادي ڪرائي ڇڏيندو، ته مون رتلام گاڏي بدليندي پهريون دفعو ان ٻڍري جي هٿان جي ڪافي پيتي هئي. بعد ۾ ڏهن سالن ۾ ڪيئين پيرا اتان لنگهيس. هن پيري هو نئين ٻڍري کي چئي رهيو هو، ”هيءَ هيڏنڙي ننڍڙي ٻالڪا هئي، تڏهن کان مان. ئي ڪيس ڪافيءَ جو پيالو تيار ڪري ڏيندو آهيان. هاڻي تون ڪير ٿيندو آهين. ڪلهه جو ڇوڪرو...!“ گهڻا پيرا اهي ننڍيون ننڍيون ڳالهيون تمام وڏيون لڳنديون آهن پريا! مان وڏين ڳالهين کي اورانگهي ويندي آهيان، گهڻا پيرا اهي ننڍيون ڳالهيون اورانگهي نه سگهندي آهيان. رگهوءَ وٽ ويئي هئس، انهيءَ ٻڍري جي هٿان ڪافيءَ جو پيالو پي ڪري. رگهوءَ سان سڀ ڪجهه چڪائي اچي رهي آهيان، ڏهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال گذري ويا پر هو بترو اتي بيٺو هو مون کي ڪافيءَ جو پيالو ڏيڻ لاءِ- ان ڏينهن، پريا- ان ڏينهن مونکي پتو نہ پئجي رهيو هو تہ ڪهڙي چيز قائم آهي؟ جيڪي اسان جا ڪجهہ نہ آهن، اهي قائم آهن ۽ جيڪي سڀ ڪجهہ آهن، اهي قائم ناهن. ان ڏينهن مونکي پتو پيو هو، پورو پتو تہ منهنجي من جو ڪجهہ حصو ڪنوارو رهجي ويو آهي ۽ ڪجهہ حصو هميشہ لاءِ شادي ڪري چڪو آهي. رگهوءَ سان منهنجي شاديءَ جو ان ڳالهہ سان ڪوئي تعلق ڪونهي. شادي بہ هڪ حادثو هئي، طلاق بہ هڪ حادثو ٿيندو. جو حصو منهنجي من ۾ ڪنوارو آهي، اهو هينئر بہ ڪنوارو آهي، جو حصو شادي ٿي چڪو آهي، اهو هينئر بہ شادي ٿيل آهي. صرف اهو پتو ڪونهي تہ جو ڪنوارو آهي اهو ڪنوارو ڇو رهجي ويو آهي ۽ جو شادي ٿي چڪو آهي اهو ڪنهن سان شادي ٿيل آهي....

(٢)

ماني کائڻ جو وقت ٿي ويو هو ۽ ايڪتا جو پاءُ اروڻ ايڪتا جي ڪمري ۾ ڪيس سڏڻ آيو هو. ايڪتا جي پاپيءَ ٻڌايو هو تہ هوءَ منجهند کان پنهنجي ڪمري ۾ هئي. ڪمري کان ٻاهر ڪانہ آئي هئي. ڪيترن ڏينهن کان اروڻ کي ڊپ هو تہ ايڪتا پنهنجي من جي اداسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي جيئن دٻائي رکيو آهي، هڪ ڏينهن اها اداسي ٽٽي ٻاهر نڪرندي. هن ڪجهه گهٻرائجي ايڪتا جي ڪمري ۾ هوريان هوريان پير رکيو هو پر سامهون هڪ وڏي موڙي تي ايڪتا ويهي ڪلي رهي هئي. اروڻ جا ٻئي پار ايڪتا جي ساڄي-کاٻي ويٺا هئا. ڪمري ۾ چيزن جي ڄڻ هڪ نمائش لڳل هئي.

اروڻ پڇيو، ”هيءَ ساري نمائش اڄ ڇاجي لڳل آهي؟“

”اروڻ توکي ياد آهي جڏهن اسين ننڍڙا هئاسين ته هن آلبم لاءِ ڏاڍو لڙيا هئاسين؟“

”ممي‌ءَ اهو توکي ڏنو هو. فيصلو تنهنجي حق ۾ ڏنو هو.“

”پر ان جي بدلي ممي‌ءَ ڏڪي نئون رڪيٽ وٺي ڏنو هو.“

”رڪيٽ ته هونئن به وٺي ڏيڻو هوس پر نالو ڏنو ته رڪيٽ مون هن جي بدلي مليو هو.“

”ان ڪري توکي چيڙائڻ لاءِ مون اهو سالن تائين سانڍي رکيو هو.“

”تون هرڪا چيز ائين ئي سنڀاليندي هئينءَ ڄڻ ڪنهن ڏينهن سڀني چيزن جي تواريخ لکڻي هجئي. سڀني جا خط به تو وٽ ضرور سانڍيل هوندا، خاص ڪري رگهوءَ جا هو چاهي نوڪر جي هٿ اينرو ئي لکي موڪليندو هو ته هو اڄ ڏير سان ڪاڏو ڪاٿڻ ايندو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون اها چڱيءَ ۽ سنڀالي رکندي هئينءَ.“ ارون کي رڳهوءَ جي خطن جي ڳالهه ڪندي لڳو ته ايڪتا کي خوشمزاج ڏسي ڪيس رڳهوءَ جي ڳالهه نه ڪرڻ کپندي هئي. پر ڳالهه هن جي وات مان نڪري چڪي هئي، هو چڙ چپ ٿي ويو. ايڪتا جي خوشفهميءَ ۾ ڪو فرق نه پيو. چوڻ لڳي....

”توکي هو بنگالي آرٽسٽ ياد آهي- مسٽر سين؟“

”ياد آهي.“

”هڪ پيري تنهنجي ڪمري ويهي چانهه پيئندي هن منهنجو اسڪيچ تيار ڪيو هو. مون اسڪيچ ڏسي چيو هو- (هاريبل) “

” (هاريبل) تـه ٺيڪ ڏي هو . تون اسڪيچ تيار ڪرائڻ وقت پنهنجي شڪل خواه مخواه بگاڙي رهي هئين.“

” ڪيس تنگ ڪري رهي هيس، پر اهو هاريبل اسڪيچ اڃا ڏائين مونوٽ سنڀالي رکيل آهي. ڏس!“

”هونئن هو آرٽسٽ تمام سٺو هو. ڏاڍهن مشهور ڪونه هو. پر اڄ تمام وڏو آرٽسٽ مڃيو ويندو آهي.“

”مون کي خبر آهي. توکي مليو آهي ڪڏهن؟“

”مون توکي هڪ پيري ٻڌايو هو- مليو هو، پر سڃاڻڻ کان ٻاهر هو. پنجن سالن ۾ ڏهي سندس عمر ويهه سال وڌيڪ پئي لڳي.“

”مونکي خبر آهي، پر مان پڇي رهي آهيان- انڪانپوءِ؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نه، ان کان پوءِ نه مليو آهي. ٻڌو آهي هينئر هن گذريل سال شايد شادي ڪري ڇڏي آهي.“

”شايد شادي جو مطلب؟ سڌيءَ طرح چئه، شادي ڪري ڇڏي اٿائين.“

”خبر ناهي شادي آهي، ڇا آهي، بلڪل عجيب ڍنگ سان زندگي جيئڻ لڳو هو. توکي معلوم آهي ڪجهه سال اڳ هو پئرس به ويو هو. هن خود ئي مونکي گهڻو ڪجهه ٻڌايو هو پر مون اهو توکي، نه ٻڌايو هو.“

”ڇو؟“

”ائين ئي ويچاري ”لور جي اميج“ تنهنجي من مان ڪٿي پوي ها.“

”منهنجي من ۾ ڪا ”اميج“ (تصور) آهي ئي نه.“

”ڪا اميج هو ويچارو ٻڌڻ نه چاهي پيو. توکي به جڏهن هڪ دفعو بعد ۾ مليو هو، توکي چئي رهيو هو ته توکي جيڪڏهن رگهوءَ کان طلاق وٺڻو هجي ته مون کي ضرور ٻڌائج.“

ايڪتا کلي کلي ڇڙ ٻيٺي ٿي ويئي ۽ چوڻ لڳي.

”ان ڳالهه کي به پنج سال ٿي ويا هوندا. تڏهن مان بلڪل ڪانه سوچيندي هيس ته مان هڪ ڏينهن رگهوءَ کان طلاق وٺنديس. نه ته کيس چئي ڇڏيان ها، ڇگو انتظار ڪج.“

ايڪتا جڏهن کان آئي هئي هن ياءُ سان اها ڳالهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانہ ڪئي هئي. اڄ اچانڪ ڪيائين، پر ايتري سادگيءَ سان، ڄڻ اها ڪا وڏي ڳالهہ نہ هجي. ۽ پوءِ کلندي کلندي افسوس سان چوڻ لڳي – ”ويچاري نو سال انتظار ڪيو، هڪ سال اچا بہ ڪري ها. ڍهين سال تي اچي هارائي ويٺو.“

ارونَ بہ گنڀيرتا جي بارڪي هلڪو رکڻ لاءِ چيو – هيئنر خط لکان ڪيس؟ جي پڙهڻ تائين هو پنهنجي بنگاليڻ کي طلاق نہ ڏيئي آيو تڏهن چئج.“

”خط لکڻو هوندو تہ مان خود لکنديس، ايتري احسان جو ضرور ڪونهي. نوان حساب ڪتاب پوءِ شروع ڪنديس، پهرين پهريان چڪائي وٺان.“

(٣)

مهو واروگهر ايڪتا ۽ سندس پاءُ ارونَ کي ورهاست ۾ مليو هو. ٻڌايو بہ ڪجهہ ان خيال کان ويو هوءِ جڏهن بامبي ويندي هئي تہ پنهنجي حصي مان هڪ ڪمرو بند ڪري ويندي هئي، باقي بہ ڪمرا کليا رکي ويندي هئي. انهن ٻنهي ڪمرن مان هڪ ۾ ارونَ پنهنجو دفتر بنايو هو، هڪ ائين ئي خالي رهندو هو – ڪنهن آئي وئي لاءِ. ايڪتا جي ننڍڙي لئبرري بہ هن ڪمري ۾ هئي. اڄ ايڪتا جڏهن ڪو ڪتاب ڪڍڻ لاءِ هن ڪمري ۾ آئي تہ هن جي پاپي بہ اتي ويٺي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا عورت ساڻس ملڻ آئي هئي، هن سان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ اتي ويٺي هئي.

”ايڪي، تو سڃاتو ڪانه چاچي جگيندر ڪور ڪي؟“ ڀاڀيءَ الماريءَ مان ڪتاب ڪيندڙ ايڪتا کي چيو.

”چاچي جگيندڙ ڪور؟“

”گهڻا سال اڳ اسان جي پاڙي ۾ رهندي هئي- پوءِ هنن جي بدلي دهليءَ ٿي وئي هئي- توکي ياد آهي نه؟؟ هينئر هي وري واپس مهو اچي ويا آهن.“

”اوه چاچي! هينئر سڃاتم.“

”مان چوندي ڪانه هيس ڏيءَ ته منهنجي ته شڪل ئي بدلجي ويئي آهي.“

”چا ٿيو چاچي، توکي دهليءَ جو پاڻي نه وڻيو ڇا؟“

”هي مرد، جڏهن پاڻي وڻين تڏهن اچن....“

”سچ ٻڌاءِ چاچي، چاچاجيءَ جي اينٽري همٿ تي جو هو....“

”ڪجهه نه پڇ ڌيءَ! مان جي روئي ڌوئي بدلي نه ڪرايان ها ته تنهنجي چاچي ڪان همٿ ڌوئي ويهان ها.“

”پر چاچي! تون سندس روز جو حساب ڪتاب پورو رکين ها نه!“

”تون ئي مون سان مذاق ڪندي هئينءَ ته مان تنهنجي چاچي جي پگهار جو پئسو پئسو به لکي ٿي رکان ٿو-“

”سندس وقت جو به ته ڪٿي بيٺو، ڪٿي ويٺو،

ڪنهن سان گڏ دفتر ۾ ڳالهه ڪيائين، ڪنهن سان گڏ رستي ۾، تڏهن ته مون تنهنجو نالو لال وهي رکيو هو.“

”اڙي ڏيءَ! مان اها ڳاڙهي وهي نه رکان ها ته تنهنجي چاچي اڄ تائين ڪاڏو ئي ختم ڪري سونڪي ڏيکاريو هجي ها.“

”چاچي، تون ڏاڍي سياڻين آهين. مان تہ هميشه تنهنجو مثال ڏيندي آهيان.“ پاپيءَ پهرين جگيندر ڪور کي ڏنو، وري اکيون چورائي ايڪتا طرف ڏسي کلي پيئي.

”پاپي، تو چاچيءَ جو مثال ڏيڻ شروع ڪيو آهي ته مان چاچيءَ جو نالو لال وهيءَ مان بدلائي روشن منارو رکان ٿي- چاچي روشن منار.“

”تون مذاق ٿي ڪرين ڏيءَ! پر تون ڳالهه ٻڌين ته سچ پچ سمجهڻ جو ڳالهه آهي. مون جهڙيون عورتون ڳنڍ جون پڪيون هجن ته گهر وسندا آهن.“

”چڱو چاچي! سمجهاء“ ايڪتا کلي ڪري پاپيءَ طرف ڏٺو ۽ پوء هڪ اونچو موڙو ميري چاچي جگيندر ڪور جي پرسان اچي ويٺي.

”توکي خبر آهي ته مون شروع کان ئي تنهنجي چاچي جو لغام ذرا ڇڪي رکيو هو. ڍلي بدلي چا ٿي، لڳو لغام ڍلو ڪرائڻ، ته منهنجي اڄ دفتر ۾ ڊيوٽي آهي ته مان ولائت مان آيل ميم صاحب کي آگري جو تاج محل ڏيکاري اچان.“

”سرڪاري ڊيوٽيون اٿين ٿينديون آهن چاچي!
پرديسي مهمان جڏهن ايندا آهن. پر اهي صرف ميمون
نه پر صاحب به ٿيندا آهن.“

”تون ڪلمي رهين آهين. مون کي پتو آهي صاحب
به ٿيندا آهن پر هي اسان جا ماڻهو ميمن سان ڳالهيون
ڪري ڏاڍو خوش ٿيندا آهن. پهرين ته مان چپ رهيس
ته نوڪريءَ جو معاملو آهي.“

”ته چا نوڪريءَ جو معاملو نه هو.“

”هئو ته نوڪريءَ جو ئي معاملو، پر اهڙي نوڪري
مون کي چا ڪرڻي هئي جو مرد ئي گم ٿي وڃي. جڏهن
اچڻ تي ڪوٽ سنگهان يا رومال ته ان مان عطر جي
خوشبوء ايندي هئي.“

”ڪنهن پنهنجي ديس جي سوغات ڏني هوندس.“

”ها، ها پهرين ڏينهن عطر سنگهايائون، ٻئي ڏينهن...“

”ٻئي ڏينهن ڪلورو فارم....“ ايڪتا ٽهڪ ڏيئي
کلڻ لڳي.

”اهو به ڪلورو فارم ئي ٿيندو آهي ڏيءَ، مردن
کي پوء سڌ ٻڌ نه رهندي آهي. ٻيو ڪا هجي ها ته
مرد هٿان وڃائي ڇڏي ها. هڪ ڏينهن مون تنهنجي
چاچي جو ڪوٽ سنگهيو، ان جي کيسن کي به سنگهيو.
مان مري ويس! سگريٽ جي بانس آئي. هن ڏاڍو ئي
چيو ته هڪ صاحب دهليءَ مان ويندي سگريٽ خريد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيا هئا، سندس ڪيسي ۾ سپ پاڪيٽ نه ٿي آيا ان ڪري ٻه پاڪيٽ هن منهنجي ڪيسي ۾ رکي ڇڏيا هئا پر مون هن جي هڪ به نه ٻڌي. هن ڪي چا هو، هو ته نوڙي ڏوڙائڻ آيو هو."

"سو چاچي نوڙي! پوءِ ڇا ٿيو؟"

"تون چاهي مون کي نوڙي ڪري سڏين، چاهي چاچي لال وهي، پر هيءَ صلاح توکي ڪم ايندي. ياد رکج."

"مان ته شايد ٻئي جنم ۾ به ياد ڪنديس چاچي، پر چاچو ته ويچارو هن جنم ۾ ياد ڪندو هوندو. سچ چاچي، غصو نه ڪجانءِ...."

"مونکي خبر آهي تنهنجو سڀاءُ ڪلڻ-ڪيڏڻ جو آهي، تنهنجي ڳالهه تي مان غصو نه ڪندي آهيان. هونئن سياڻن جو چيو ۽ آورن جو ڪاڙو ..."

"سچ چاچي، تون آورن جو آچار ڏاڍو سٺو وجهندي هنئين‌ءَ. اهو تنهنجو اڏ پهاڪو مون کي پسند آهي، چڱو اڌو اڌ ڪر. سياڻن جو چيو تنهنجي لاءِ، آورن جو آچار منهنجي لاءِ."

"جهڙي چنگاري! ڳالهين سان گهر ٿي پورو ڪري ڇڏين."

"چاچي چنگاريون گهر پورا نه ڪنديون آهن جلائينديون آهن."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اهو ته مان توکي اٿين ٿي چنگاري چئي وڌيئس.“

”چنگاري ته مان آهيان چاچي! هونئن پڻ چنگارين جهڙي ناهيان، اهي ته پراون جا گهر جلائيندڙيون آهن. مان....“ ايڪتا پيهنجو پاڻ کي خود ئي وچ ۾ ڪٽي ڇيو ”چئبو ته چاچاجي عمر سلامت واپس اچي ويا آهن!“

(۴)

اڪيون ڪنهن سوچ ۾ ٻڏل هيون. ايڪتا جڏهن گهر ۾ روٽي پچائڻ واري رامپياري کي ڏسندي هئي، هن جون اکيون اهڙي ئي سوچ ۾ ٻڏي ويندڙيون هيون. رامپياريءَ جا ڪارا وار هن پچندا ڏٺا هئا، وري ٻڪل وار سفيد ٿيندا ڏٺا هئا. هن جي مرجهايل عمر جي ڇاپا ۾ وري پيون ڇاپاڻون ملنديون ويون هيون. هن جي جوان ڏيءَ به وڏوا ٿي ويئي هئي، وڏوا ماءُ وٽ اچي رهڻ لڳي هئي، ۽ ان کان پوءِ وري هن جي نونهن به وڏوا ٿي ويئي هئي ۽ هيءَ رامپياري ڄڻ هڪ جنم ۾ هڪ جنم جو نه، ٽن جنمن جو وڏاپڻو ڪاڏي رهي هئي.

سڀ ڏينهن ۾ رامپياري ايڪتا جي ماءُ - پيءُ جي مسواڙڻ هئي. مسواڙڻ هيئنر به هئي پر سڀ ڏينهن ۾ پهرين هوءَ پنهنجي مڙس جي ڪمائيءَ مان مسواڙ ڏيندي هئي، پوءِ پنهنجي پٽ جي ڪمائيءَ مان. پر

هينئر هوءَ ايڪتا جي ٻاٻيءَ جي گهر ۾ وقت روٽي پچائي، ان روٽي پچائڻ جي روپ ۾ مسواڙ چڪائيندي هئي. هن جي نونهن ۽ ڌيءَ ويهي ماڻهن جا ڪپڙا سبنديون هيون. هونئن ڪڏهن رامپياري بيمار هجي ته ان جي بجاءِ انهن ٻنهي مان ڪا روٽي پچائڻ ايندي هئي ۽ نونهن ۽ ڌيءَ جي عمر لڳ ڀڳ هڪ جيڏي هئي ۽ ڪو وقت هو جڏهن ٻنهي جي عمر جو هن رامپياريءَ جي عمر سان فرق نظر ايندو هو پر هينئر ٽنهي جڻن هڪ عمر جون ٿي ويون هيون. هنن ٻنهي جي عمر رامپياريءَ جي عمر سان اچي ملي هئي. ورهين جي شڪل ۾ نه ــ دکن جي شڪل ۾ ــ هڪ جهڙي دک ۾ شايد شڪليون به هڪجهڙيون ٿي وينديون آهن. ايڪتا هڪ کي ڏسندي هئي ته هوءَ بلڪل ٻي جيان لڳندي هئي. ٻيءَ کي ڏسندي هئي ته هوءَ بلڪل ٽين جيان لڳندي هئي. گهر ۾ هڪ ٻيبي هئي، رامپياريءَ جي پوٽي، مشڪل سان ڇهن سالن جي هئي. ايڪتا هن جو ننڍڙو چهرو به ڪيترائي ڀيرا ڏٺو هو ۽ هر دفعي هن کي لڳندو هو ته ننڍڙو چهرو هڪ ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن جيترو وڏو نه ٿي سگهيو هو، هڪ ڏينهن ۾ هڪ سال جيترو وڏو ٿي ويو هو.

صبح کان وٺي چانهه وارا برتن اجا صاف ڪرڻ لاءِ پيا هئا، رامپياري صاف ڪري رهي هئي. ايڪتا جي

نئيڊي پائنٽي ماني ڪائڻ جو ضد ڪيو هو. ٻار جي ماءُ هن جو ڌيان ٻئي طرف لڳائي رهي هئي ته هو ١٥-٢٠ منٽ ترسي جيئن رامپياري برتن صاف ڪري، مانيءَ پچائڻ لاءِ واندي ٿئي. پر ٻار جو ڌيان ٻئي طرف نه لڳي رهيو هو. هن ماءُ جو پيچرو ڇڏي ايڪتا جو هٿ پڪڙيو ”آنٽي“.

ڪڏهن ڪڏهن ايڪتا جي من ۾ ڪنهن هنڌ ڪجهه چڀي ويندو هو. رگهوءَ کي ٻار بلڪل پسند نه هئا، ان ڪري ايڪتا کي ڪوئي ٻار نه ٿيو هو. ڪجهه سال اڳ جي ڳالهه آهي، هڪ ڏينهن ايڪتا رگهوءَ لاءِ ناشتو تيار ڪري رهي هئي. هڪ بيضي کي ٽوڙيندي ان جي پيلي حصي ۾ پيل ڳهريون لال ليڪو ڏسي، هوءَ ڏسندي رهجي ويئي. هڪ هنڌ هڪ ڪارو ٽپڪو هئو، چوطرف ڦهليون ۽ لال لڪيرون هيون. اهي لال لڪيرون هڪ عبارت جيان ٿي ويون ۽ بيٺي بيٺي ايڪتا کي هڪ عجيب خيال آيو ته اها عبارت هڪ خط جي هئي جيڪو ڪيس، سندس ان ٻار لکيو هو- جنهن ڪڏهن هن جي ڪک مان جنم نه ورتو هو. ايڪتا جي جسم ۾ ڇڻ ٿرٿراهٽ پيدا ٿي ويئي هئي. هوءَ بيٺي بيٺي ٿرڪي رنڌڻي ۾ رکيل هڪ اسٽول تي ويهي رهي هئي. رگهوءَ ناشتي جو انتظار ڪندي جڏهن ايڪتا کي رنڌڻي ۾ اسٽول تي ويٺي ڏٺو، ته ايڪتا کان رهيو نه ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن رگهوءَ کي اها ڳالهه ٻڌائي. ”چري“ رگهوءَ چيو هو ۽ ڪلي ڏنو هئائين. ان ڏينهن ايڪتا شرمائجي ويئي هئي. ان کان پوءِ هن ڪڏهن رگهوءَ کي اهڙي ڳالهه نه چئي هئي پر اها ڳالهه هن جي اندر تائين لهي ويئي هئي ۽ جنهن جي چوطرف ”چپ“ بيضي جي سفيد ۽ سخت کل وانگر چڙهي ويئي هئي. ان چپ کي ايڪتا ڪڏهن به ٽوڙيو نه هو پر گهر ۾ رکيل مرغين کي ايڪتا ڪڏهن ڪڏهن ائين ڏسندي رهندي هئي ڄڻ انهن ايڪتا جي من جي ڳالهه کي ڄاتو پئي، سمجهيو پئي، ڪا مرغي جڏهن پرن جي گرمائش ۾ هڪ بيضي کي ڪيترا ڏينهن لڪائيندي ۽ گرم ڪندي هئي، پوءِ هڪ ڏينهن ڇهنب هڻي کل کي ٽوڙيندي هئي ۽ ٻنهنجي ٻار کي آزاد ڪندي هئي، ته ايڪتا کي لڳندو هو ته اها مرغي ان ڏينهن ايڪتا طرف خاص طور سان ڏسندي هئي. ڄڻ چئي رهي هجي ”ڪيتري سٺي ڳالهه آهي، بس ائين ڪنديون آهيون، بس ائين....“

ڳالهه جيئن جيئن جهوني ٿيندي ويندي هئي، ايڪتا کي لڳندو هو، ڳالهه جو سفيد پيلو رنگ به جهونو ٿيندو ٿو وڃي. ان ۾ هڪ ڪارو ٽڪو ملندو ويندو هو ۽ اهو هڪ اهڙو ٽڪو هو جنهن مان ڪڏهن ڪوئي نقش نٿي ابريو. جو ڪجهه ان مان ابرندو هو ته صرف پراڻي ۽ آلي سپني جي بوءِ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڪتا پنهنجن پنهي پائنچين سان گڏ روز ڪلنديءَ ۾ ڪيڏندي هئي- بلڪل سياويڪ جيان پر ڪڏهن ڪڏهن جو لڳندل هڪ ننڍڙو هٿ هن جي لاءِ سپاويڪ نه رهندو هو. هٿ چڙ هن جي بدن تي نه، هن جي اندر هڪ نازڪ جڳهه تي لڳي وڃندو هو- هڪ نهن جيان چڀي ويندو هو.

”اڄ مان توکي ماني ڪري ڏيان.“ ايڪتا ڪنهن سپني جي بوءِ مان چرڪي ڇيو ۽ پنهنجي پائنچين کي رنڌڻي ۾ وهاري انهن اڳيان هڪ پليٽ رکي، ماني پچائڻ لڳي.

رام پياري جي پوٽي ڪنتي پنهنجي ڏاڏيءَ سان گڏ آئي هئي. ڪيترا ڀيرا ايندي هئي. ايڪتا کي ماني پچائيندو ڏسي حيران ٿي. ”ميم صاحب، ماني تا پچايو.“ ڪنتيءَ ڇيو ۽ کلڻ لڳي. ايڪتا ڪيترا ڀيرا ڪيس ڇيو هو ته هوءَ هن کي ”ميم صاحب“ ڪري نه چوي پر بارڙي کي هن جي ڳالهه ڪڏهن به سمجهه ۾ نه آئي هئي. چاهي ايڪتا هن کي ٻڌايو هو ته هوءَ کيس صرف ڀيڻي يا ايڪتا ڀيڻي چوندي ڪري. پر بارڙيءَ کي لڳندو هو، ڀيڻي ته ماڻهو هن جي ماءَ کي به چوندا آهن، پوءِ هوءَ ايڪتا کي يا سندس پاڀيءَ کي ڀيڻي چوي ته هن جي ماءُ ۽ هنن ۾ ڪهڙو فرق رهندو.

”تون ماني کائيندين ڪنتي؟“ ايڪتا کلي

ڪري ٻار ڪان پڇيو. هوءَ ايڪتا کي جواب ڏيڻ بجاءِ پنهنجي ڏاڏيءَ ڪي ڏسڻ لڳي.

”اماں غصي نہ ٿيندي، اڄ ماني ڪاءُ!“ ايڪتا وري هڪ دلاسو ڏيندي ٻار کي چيو.

”وچ، ڪاءُ جيڪڏهن ڪائٽي هجئي تہ“ جيسنتائين رام پياري ائين نہ چيو، ڇوڪري ائين چپ ٿي ڇپ بيٺي رهي. پوءِ ڏيري ايڪتا جي پرسان اچي ويٺي.

ايڪتا جڏهن اٿي جو هڪ پيڙو ناهي، پيڙي کي ويلڻ لڳي تہ ڇوڪريءَ انگل ڪندي چيو. ”ماں مڇي ڪائيندس“ سبزي نهيل هئي پر مڇي يا ماس جي ڪائي چيز ڪانہ نهيل هئي. ايڪتا ڪجهہ حيران ٿي چيو ”اڄ تہ صرف مٽر ۽ پٽاٽا نهيل آهن، گوبي نهيل آهي يا رات جي هڪ سبزي....“

”هيءَ بانولن جهڙيون ڳالهيون ڪندي آهي ....“ رام پياري چئي رهي هئي ان وقت ڇوڪريءَ پرسان اچي چيو ”مان مڇي ناهيان ٿي، توهان ان کي ٿئي تي پچايو.“ ۽ ڇوڪري ويليل مانيءَ جي پرسان اچي ڪپ سان مانيءَ تي هڪ مڇيءَ جي شڪل ناهي.

”هيءَ ائين ڪندي آهي. ائين ئي اڌو ڳوهيندي آهي. ڪڏهن گول مانيءَ بدران ڏگهي ٻڻائيندي آهي تہ هيءَ مڇي نهي وئي، هي مرغو ٻڻجي ويو ....“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راميياري چوندي چوندي ڇوڪريءَ کي چيڀاڙ لڳي
”اسان نجاڻ ڪهڙا پاپ ڪيا آهن، پنهنجي هوش ۾ ته ڪنهن جانور کي به نه ستايو، پر ڪنهن جنم ۾ ته ڪيو ئي هوندو. پر تون سمجهين ئي نٿي .... توکي ڪيترا پيرا چيو آهي ته....“

ايڪتا رامپياريءَ جي ڳالهه ٻڌي رهي هئي، هوءَ ڪپ سان اني جي ڪٿيل مڇيءَ کي ڏسي سوچي رهي هئي- هن ننڍڙي ڇوڪريءَ ۾ مڇي يا مرغي ڪاڻ جي ٻک ته هئي، پر هن جي ڊرائينگ ڪيتري نيڪ هئي. شايد هن جي اندر ڪا قدرتي سمجهه هئي.

”هيءَ مڇي نهي وئي. مان ٻي ويليان. تون ان مان مرغو ٺاهيندينءَ؟“

”ها.“

”پوءِ ٽين ويليان، ته ان مان ڇا ٺاهيندينءَ؟“

”پوءِ مون کي ٻک ئي نه لڳندي.“

ايڪتا سوچيو، ڪنهن وقت ڪاغذ ۽ پينسل ڏيئي هن کي وري چونديس ته هوءَ ڪاغذ تي مڇي ٺاهي ۽ ڪجهه پيو به. ڇوڪري پنهنجي ئي موج ۾ وري چوڻ لڳي ”مان ڪيلو، سنترو، انگور سڀ ڪجهه ان ريت ٺاهي سگهندي آهيان.“

ان وقت ايڪتا ڪجهه نه چيو. انڪانپوءِ ڇوڪريءَ کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي ويئي. هنکي ڪاغذ ڏنائين،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پينسل ڏنائين ۽ چيو "چگو، هاڻي هن تي چاهي ڪيلو- سنترو ناهه چاهي جيڪي ڪجهه تون چاهين."

"ان مان ڪهڙو فائدو، مان ڪاغذ ٽورو ٿي ڪاڻي سگهنديس." ڇوڪري اٿين ڪلي پئي چڻ هن ڪائي وڏي سياڻپ جي ڳالهه ڪئي هجي. ايڪتا ڪي به ڪل اچي ويئي- پر پوءِ دڪ ٽيس. ڇوڪري جنهن به چيز کي سوچيندي هئي صرف بڪ جي روپ ۾ سوچيندي هئي. هڪ بنيادي بڪ جي روپ ۾.

"جسم جي بنيادي بڪ ڪان پوءِ جڏهن هن جو من جي بنيادي بڪ سان واسطو پوندو..." ايڪتا جي من ۾ هن ڇوڪريءَ جا اچڻ وارا ورهيه اچي ويا- اهي ورهيه جيڪي هينئر هن جي پنهنجي مٿان اچي چڪا هئا.

"هن ۾ ۽ مون ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟ هيءَ اصلي مڇي نٿي ڪاڻي سگهي، اتي مان ان جي شڪل ناهي سيڪي ڪاڻي سگهي ٿي. مان جو ڪجهه جيئڻ چاهيان ٿي، جي نٿي سگهان. سپنن ۾، ڪتابن ۾ ان جو پاڇو ڏسي ان جي آرزو ڪري جي سگهندي آهيان؟ ايڪتا پنهنجي سوچ ۾ بدل هئي، جنهن وقت هن آلين اکين سان ڏٺو — ڇوڪري ڪمري مان ٻاهر نڪري وڃي ورانـدي ۾ ويٺي هئي ۽ ورانـدي ۾ ٻيهي ٻاهر جـي ننڍڙي باغيچي ۾ ڪنهن شـيءِ کي ڌيان سان ڏسـي

رهي هئي.

”ڇا ٿي ڏسين ڪنتي؟“ ايڪتا وراڻدي ۾ وچ ۾ چوڪريءَ جي پرسان ويهي ڏيري پڇيو. چوڪري آسمان طرف ڏسي رهي هئي.

”هن سرڻ کي.“

”تون ڪاغذ تي سرڻ جي شڪل ناهي سگهين ٿي؟ چڱو، ڪاغذ تي نه مانيءَ تي.“

”مان سرڻ کي ڪائي نٿي سگهان، ڪوئي به نٿو ڪائي سگهي. ان کي ڪوئي به پڪڙي نٿو سگهي، جهٽ اڏامي ويندي آهي.“ سرڻ هينئر آسمان ۾ ڪا نه ٿي ڏسڻ ۾ آئي، پر چوڪري اڃا به آسمان طرف ڏسي رهي هئي.

ايڪتا کي لڳو، هن جو سوال غلط هو ڇو ته چوڪري هر چيز کي ٻڪ سان جوڙي سوچي پيئي. هن ڪجهه حيران ٿي پڇيو– ”پوءِ سرڻ ڇو ڏسي رهي هئين؟“

”منهنجي سرڻ ڏاهڻ تي دل پئي ٿي.“ ڇوڪريءَ هڪ دفعو ايڪتا طرف ڏٺو ۽ پوءِ ٻيهرين وانگر آسمان طرف ڏسڻ لڳي.

”تنهنجي سرڻ ڏاهڻ تي دل پئي ٿي، سرڻ جي شايد ڇوڪري ڏاهڻ تي دل ٿيندي هوندي– ڪنتي ٻمڄڻ جي.“ ايڪتا کلي ويئي.

”نه، سرڻ جي ڇوڪري ڏاهڻ تـي دل نـه ٿيندي هوندي.“

ڇوڪريءَ جا سڀ جواب سادا هئا پر فيصلي جيان ڏنل. ايڪتا ڪجهه حيران ٿي وري پڇيو ”تو کي ڪيئن خبر آهي ته سرڻ جي ڇوڪري ڏاهڻ تي دل نه ٿيندي هوندي، ڪهڙي خبر ٿيندي هجيس.“

”ٿيندي ئي نه هونديس.“

”ڇو؟“

”ڇو ته ڇوڪريءَ کي پر نه هوندا آهن.“

ڪنتيءَ جي ”بال فلاسافيءَ“ ايڪتا جي من ۾ هڪ لڪير ڪينچي ورتي. هيءَ لڪير ايڪتا جي پريشانيءَ سان جڙيل هئي. بلڪل بيگاني هئي- اج جي بال ڪنتيءَ جي پريشاني، اڇڻ واري سياڻ جي جوان ڪنتيءَ جي پريشاني ۽ هڪ نه پر ٻي حساب ڪنتيءَ جي پريشاني.

”جيڪر مـان سـرڻ ٻڌجي وڃان، پوءِ ڏاڍي موج ٿيندي.“ ڇوڪري پنهنجي موج ۾ چئي رهي هئي.

”پوءِ تون جيڪر ڇا ڪرين؟“

”سڄو ڏينهن اڏامندي رهان، اڏامندي رهان ۽ جڏهن بک لڳي، هيٺ اچي جتي ماني پيئي هجي، اتان ماني کڻي وڃان ۽ منٽ ۾ اڏامي وڃان.“

ماني ڪمائڻ ۽ ماني ڇنڻ جي وچ جو فرق ڇوڪري نه سمجهي سگهي هئي. ان فرق جو سوال ٻه هن وقت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ھو. ھن صرف ڪاڻ ۽ اڏامڻ پئي چاھيو. ٻہ وڏيون ساديــون ڳالھيون "پر اھي ٻئي ڳالھيون ھـن دنيا ۾ سڀ ڪان مشڪل آھن." ايڪتا ڏيري چيو "اڄ جي ڇھن ورھين جي ڪنتيءَ کي ٻہ، اڇڻ واري سپاڻ جي ويھن ورھين جي ڪنتيءَ کي ٻہ ۽ اڇڻ واري پرھينءَ چاليھين ورھين جي ڪنتيءَ کي ٻہ..."

(٥)

ايڪتا کي لڳو، ھن جي من ۾ بلڪل انڌيرو تہ نہ آھي، پر ڪجھہ انڌيرو ضرور آھي. زندگيءَ جي ڪنھن گھڙيءَ يا ڪنھن پل کي پڪڙي ھن جاڳائڻ چاھيو. ڪيئي ننڍا ننڍا خيال آيا پر من ۾ رڪيا نہ. ڇڻ ھڪ موم بتي ھئي جنھن کي جلائڻ لاءِ ھوءَ بار بار ماچيس جون تيليون جلائي رھي ھئي، موم بتي جلي نہ رھي ھئي ۽ ھر ھڪ تيلي ھڪ ھلڪي روشني ڏيکاري وري وسامي پئي ويئي.

ٻرندڙ ـ وسامندڙ روشنيءَ ۾ آخر موم بتي جلي پيئي پر ان جي روشنيءَ ۾ ايڪتا کي پنھنجو نہ ويـرا جو منھن ڏسڻ ۾ آيو. ويرا اسڪول جي ڏينھن ۾ ھن جي واقف ٿي ھئي. ڪاليج جا سمورا سال ھوءَ واقف رھي ھئي، پر ڪڏھن اھـا واقفيت ھن جـي دل جـي ساري جڳھہ گھيري ڇڏيندي ھئي تہ ڪڏھن اھا بلڪل غائب

ٿي ويندي هئي. ويرا سان نه پر هن جي واقفيت سان
چڻ ايڪتا اڪيلائي محسوس ڪندي رهندي هئي ۽ جڏهن اڄ
ويرا ياد آئي ته ايڪتا کي لڳو ته، هوءَ ڪيترن ڏينهن
کان ويرا کي ڳولهي رهي هئي.

ويرا وٽان جيڪي ڪجهه حاصل ٿيو هو. ايڪتا
کي ياد آيو- ننڍڙي هئي، مشڪل سان ١٨ سالن جي
جڏهن ويرا جي ماءُ پيءُ جي هٿان بدلي ٿي ويئي هئي.
ويرا جي امتحانن ۾ باقي ٿي مهينا بچيل هئا، هوءَ ماءُ
پيءُ سان ڪانه ٿي وڃي سگهي. هاسٽل ۾ به ڪانه
رهي هئي، پنهنجي گهر ۾ اڪيلي رهي هئي. ايڪتا
ذرا ڊڄندي هن کان پڇيو هو ـــ ”رات جو توکي
اڪيلائيءَ ۾ ڊپ نٿو لڳي؟“

”نه.“

”رات جو تون اڪيلي....“

”اڪيلي نه هوندي آهيان.“

”رات جو ڪير هوندو آهي توسان گڏ؟“

”ڪڏهن ڪوئي، ڪڏهن ڪوئي.“

ويرا کلي ڏنو هو، ايڪتا گهبرائجي ويئي هئي.
ويرا چيو هو- ”مثال طور ڪالهه رات- ڪالهه رات
آءِ واز سليپنگ وٿ سامرسيٽ مام، ۽ اڄ منهنجو خيال
آهي آءِ ول سليپ وٿ هيمنگوي.“

”هٽ مئي.“ ايڪتا خوشيءَ ۾ پيٽو ٿيندي هن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيو هو، ”يو سلي گرل.“ هونئن بعد ۾ جڏهن ايڪتا اڪيلي ويٺي هئي ته هنکي لڳو ته هن ويرا کي چيو آهي ”يو ونڊر فل گرل.“ ۽ ان ڏينهن کان پوءِ امتحان جي ڏينهن ۾ به ايڪتا کان اها ڳالهه نه وسري هئي. هڪ ڏينهن امتحان جي ڪمري مان ٻاهر اچي، ان ڏينهن جا سوال جواب ملائيندي، هن ويرا جي ڪن ۾ ڏيري چيو هو. ”رات جو تون ڪنهن سان گڏ سمهي هئينءَ؟“ ۽ ويرا ڏيرج سان مسڪرائيندي چيو هو— ”توري دير ڪامٺو سان گڏ، پوءِ انگلش لٽريچر سان گڏ، اڄ صبح جو انگلش لٽريچر جو پيپر هو.“

”شڪر آهي تو هسٽري نه کنئي، نه ته هسٽريءَ سان گڏ سمهي توکي ليسبين ٿي وڃڻو پوي ها.“ ايڪتا ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳي. ان ڏينهن ويرا به خوب کلي هئي.

ايڪتا کي ياد آيو، هڪ پيري ويرا کي بخار ٿي پيو هو. هوءَ ٿي ڏينهن ڪاليج ۾ ڪونه آئي هئي ۽ ايڪتا هن کان خبر پڇڻ لاءِ جڏهن هن جي گهر ويئي ته ويرا ٻڌايو هو— ”مسٽر فلو آيو هو، وچڙ جو نالو ئي ڪانه پيو وٺي، اڄ مشڪل سان موڪليو ٿيمانس.“ ايڪتا وري سندس مذاق کي اڳتي وڌائيندي، چيو هو ”هيمنگوي ۽ ڪامٺو کان پوءِ مسٽر فلوءَ جو تجربو ڪيئن لڳو؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويرا گنڀير ٿي چيو هـو. ”اٽ واز اي سارٽ آف رئيپ، ڪيس مون سڏايو ڪونه هو، زبردستيءَ آيو هو.“

اهو گهٽ ڏينهن کان پوءِ ايڪتا کي پتو پيو هو ته ويرا جي اندر اداسيءَ جي ايڏي ڪَنڊ پئجي ويئي هئي جنهن کي ڪنهن ڳالهه سان پيري ڇڏڻ مشڪل هو. ويرا تمام ننڍڙي عمر ۾ ئي تمام وڏي محبت ڪئي هئي. هڪ پيري جڏهن اخبار ۾ هڪ ينگ پائلٽ جي ايئرڪرئش جي خبر آئي هئي، ڪنهن کي اها خبر نه پيئي هئي ته ويرا جي محبت به اڌ آسمان سان ڪري چور ٿي ويئي هئي. اهي چور - چور ٿيل محبت جا ٽڪرا هئا، جن کي ويرا روز ڪلي - ڪلي ميڙيندي رهندي هئي.

جنهن ڏينهن ايڪتا کي اهـا خبر پيـئي هئي، ان ڏينهن جي ڳالهه آهي، ٿوري دير اڳ جي، ايڪتا هن کي سندس جنم ڏينهن جي سوغات ڏني هئي. اها سوغات خليل جبران جو ڪتاب ”سيلف پورٽريٽ“ هئي. ان ۾ هن جي سهڻي تصوير هئي ۽ ايڪتا چيو هـو ”آءٌ ووڊ لائيڪ يو ٽ سليپ وٽ خليل جبران، هي از ويري هئنڊسم“ ويرا جواب ڏنو هو ”آءِ ووڊ لو اٽ“ ان ڏينهن ايڪتا ڪيس فلرٽ ڇوڪري چئي چيڙائيندي رهي هئي. ۽ انهيءَ ڏينهن جڏهن ويـرا جـو درد هـن جـي ڪنن ۾ پيو هو، هن جي زبان ڪنجي ويئي هئي. ان

بعد ڪل ۾ بہ اهو لفظ هن جي وائن نہ نڪري سگهيو هو.

ايڪتا پنهنجي شاديءَ بعد ويرا کان وڇڙجي ويئي هئي. ويرا پنهنجي پڙهائيءَ لاءِ آمريڪا هلي ويئي هئي، جتان هن ايڪتا کي ڪڏهن ڪوئي خط نہ لکيو هو. هن ويندي وقت ٿي چيو هو تہ ڪنهن کي خط لکڻ هن جي عادت ۾ ڪڏهن شامل ٿيو ڪونهي ۽ نہ ٿي سگهندو.

اج ايڪتا کي ويرا جي ڀرپور ياد آئي، ايتري جو هن ان وقت اٿي پنهنجي پاءُ کي جاڳائي پڇيو تہ شايد هن کي ويرا جي اها خبر هجي تہ هوءَ اڄڪلهہ ڪٿي آهي.

”مان توکي ٻڌائڻ ڀلجي ويس ايڪي! تنهنجي ويرا اڄڪلهہ هتي آهي، ان ڪاليج جي پرنسيپال، جتي ڪڏهن هوءَ پڙهندي هئي، تون بہ جتي پڙهندي هئين.“

”هن شادي ڪئي آهي يا نہ؟“

”مان هن سان ڪڏهن مليو ناهيان، پر منهنجو خيال آهي، تہ هن شادي نہ ڪئي آهي. هن جو هڪ ڪتاب ڇپيو آهي ويجهڙائيءَ ۾، هتي نہ، آمريڪا ۾. مونکي ڪنهن ٻڌايو هو.“

”هوءَ پرنسيپال آهي تہ هن جو فون ضرور هوندو.“

”ها، فون ضرور هوندو.“

”پنهنجي دفتر واري ڪمري جي چابي مون کي ڏي.“

”هن وقت فون ڪندينءَ؟ ڪافي رات ٿي ويئي آهي.“

”هڪ ڀيرو ڪري ڏسنديس... يا سڀاڻ صبح جو سوير ڪنديمانس.“

ايڪتا ٻاءُ کان چابي وٺي سندس دفتر وارو ڪمرو کوليو. فون صرف انهيءَ ڪمري ۾ هو. ڊائريڪٽريءَ سان نمبر ڳولهيائين.

”ويرا؟“

”ها، ويرا ڳالهائي رهي آهيان؟“

” مان ايڪي ڳالهائي رهي آهيان تون شايد سڃاڻندينءَ نه.“

”توکي نه سڃاڻنديس؟“

ايڪتا جو خيال هو ويرا جي آواز ۾ ٿڌي دوري هوندي، ٻنهي جي وچ ۾ ورهين جون وٿيون هيون. ٻنهي پنهنجن پنهنجن تجربن جو قيد ڀوڳيو هو، ڀوڳي رهيون هيون. قيد صرف اداسيءَ جو ڪانهي، خوشيءَ جو به ٿيندو آهي، زندگيءَ کي ڀلائڻ جو به ٿيندو آهي. گذريل ڏينهن ۾ ايڪتا هن ريت ٿي ورهين بعد ننڍپڻ جي هڪ ساهيڙيءَ ارميءَ سان ملي هئي. ارميءَ سان

اچانڪ هن جي ملاقات بمبئي جي هڪ ڪلب ۾ ٿي هئي. هوءَ پنهنجي مڙس ڪرنل پوريءَ سان ايڪتاڪي ملائي جيتريون به ڳالهيون ڪري رهي هئي، ايڪتا کي لڳو هو ڄڻ ارميءَ وٽين جي وچ مان هٿ اڳتي ڪري، هن سان گڏ هڪ پيرو هٿ ضرور ملايو هو، پيو ڪجهه به نه. هيئنر ايڪتا جڏهن ويرا کي فون ڪرڻ لڳي هئي، هن کي هڪڙو پيرو ارميءَ سان ٿيل ملاقات جو خيال اچي ويو هو ان ڪري هن نمبر جا ٻه انگ ملائي هڪ دفعو ته رسيور هيٺ رکي ڇڏيو هو. پيهر فون ڪٽڻ لاءِ هن کي ٻه منٽ پنهنجي من کي تيار ڪرڻو پيو.

ارمي جي ملاقات وارو تجربو دهرايو نه ويو. ويرا اها ئي ويرا هئي جنهن جي واقفيت ڪڏهن ايڪتا جي ڏينهن جي ٽوڙي دل جي ساري جڳهه گهيري ويهندي هئي.

”سچ ٻڌاءِ تون هن وقت اڪيلي آهين؟“ ايڪتا پرائي لحضي ۾ پڇيو.

”نه يائي، اڪيلي ناهيان، تون مون کي فلرٽ چوندي هئينءَ، ياد آهي توکي؟ ان ڪري مون تنهنجي ٽيگڙ لاهڻ لاءِ شادي ڪري ڇڏي آهي.“

”سچ، مان بيحد خوش آهيان ويرا. خبر ناهي ڇو، مون کي اندر ۾ ڪڏهن ڊپ لڳندو هو ته تون شادي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڪندينءَ“

”سچ پچ تہ تون ائين سوچيندي هئينءَ؟“

”سوچيندي ان جي بلڪل ابتڙ هئس تہ تون آمريڪا جهڙي اڊوينچرس ديس ۾ رهينءَ، فرانس جهڙي آرٽسٽ ديش ۾ رهينءَ تون فرانس ۾ بہ رهي هئينءَ نہ؟“

”رهي ڪانہ هيس، ڪجهہ ڏينهن لاءِ ويئي ضرور هئس.“

”مان سوچيندي هئس تہ تون اتان واپس ڪا نہ ايندينءَ، ضرور اتي ئي شادي ڪري ڇڏيندينءَ. تو کي خبر آهي، مان سئڪالاجيءَ جي نيم- حڪيم آهيان. سوچيندي هئس، شايد تون پنهنجي ديش جي ڪنهن جوان سان شادي نہ ڪري سگهندينءَ.“

”رهڻ ڏي، پنهنجي سئڪالاجي.“

”پر مان خوش آهيان تہ منهنجي سئڪالاجي غلط نڪتي. ۽ اهو بہ غلط نڪتو تہ تون شايد شادي ڪانہ ڪندينءَ. سوچيندي ڪجهہ هئس، ڏِسپ ڪجهہ ٻيو لڳندو هو. مان سياڻ توسان اچي ملنديس، هن کي بہ ڏسنديس تنهنجي مسٽر.... مونکي هن جو نالو تہ ٻڌاءِ.“

”يو ول بي شاڪڊ.“ (تو کي ٻڌي عجب لڳندو)

”ڇو، ڪوئي ٻيو ماڻهو چونڊيو اٿئي؟ تو کي ٿالسٽاءِ هيمنگوي شروع کان ئي ٻيا، ماڻهو پسند هئا.“

”هن پيري ايبسو ليو تلي ينگ آهي.“

”پر تون هندستاني عورت وانگر سندس نالو نه ڪٺنديءَ؟“

”مون ۾ هندستاني عورت واري ڳالهه شروع ڪان ڪهڙي هئي؟“

”پوءِ ان خوشنصيب جو نالو ته ٻڌاءِ.“

”مسٽر پٽن.“

”ماءِ گاڊ_“

”توکي ڇيهه ڪونه، يو ول بي شاڪڊ.“

ايڪتا کي ياد آيو ته هينئر سندس ٻاءُ ٻڌايو هو ته ويرا جو هڪ ڪتاب آمريڪا ۾ ڇپيو آهي. ايڪتا جو من ويرا جي مهانتا سان ڀرجي ويو، پر ان ئهچ جي پنيان ڪيڏي گهري تنهائي هئي، ان احساس سان ايڪتا جو من ٻه ءِ اکيون ٻه ڀرجي آيون.

”چپ ٿي وئينءَ، ايڪي؟“

”سوچي رهي آهيان ڪجهه چهرا اهڙا ڇو ٿيندا آهن جنکي هڪ دفعو ڏسڻ کانپوءِ ڪجهه نٿو نظر اچي.“

”ڇا مطلب؟“

”ان پائلٽ ۾ تو خبر ناهي ڇا ڀاتو هو، ويرا، جنهن بعد تو ٻيو ڪجهه پائڻ جي ضرورت ئي نه سمجهي.“

”اها ڳالهه ناهي، ايڪي! مان تڏهن مشڪل سان ١٨ ورهين جي هئس جڏهن هو....“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پوءِ هي سڀ ڪجهه ڇو ويرا؟ تون ڪڏهن ڪجهه ڇو نٿي چاهين؟“

”جنهن دنيا ۾ انسان جي قيمت گهٽ هجي، چيزن جي زياده، اتي ڪو ٻي ڪجهه چاهي ته ڇا چاهي؟ اهو ئي سوچيندي رهندي هئس، هينئر به سوچيندي آهيان، اهو سمجهڻ لاءِ مون لکڻ شروع ڪيو هو، اهو سمجهڻ لاءِ لکندي رهنديس “

”ڪهڙو انسان، ڪهڙيون چيزون، ويرا؟“

”توکي معلوم ناهي، مون کي به بعد ۾ معلوم ٿيو هو. جڏهن ايئر ڪرئش ٿيو هو، هو صرف زخمي ٿي ويو هو. بچي سگهي ها، پر هن کي بچايو نه ويو. هن جي ماءُ ماٽيلي هئي، هو بچي ها ته هن جي حصي جي جائداد...“

”ماءِ گاڊ....“

”اهو سڀ ڪجهه ايترو پيمانو آهي، ايڪي! مان موت کي وساري سگهيس ٿي، پر ان ڳالهه کي وساري نٿي سگهان ــ جنهن دنيا ڌهن ويهن يا پنجاهه هزارن جي خاطر هن کي نه بچايو، مون کي ان دنيا کان ڇا وٺڻو آهي!“

”پر، ويرا!“

”ها.“

” دنيا صرف هڪ عورت جو نالو ناهي، ان سڀ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٺيان هڪ عورت جو گناهه آهي، پر....“

”زندگيءَ کي ڏسڻ کان پوءِ شايد اُن جڳهه تي پهچندا آهن جتي تون پهتي آهين پر....“

”پر چاهه ايڪي؟“

”اهو ٺيڪ ته هڪ دفعو تون زندگي ڏسين ها، پوءِ چاهين هن جڳهه تي پهچين ها.“

”زندگي مون ڏٺي آهي، ايڪي! پر جيڪا مون نه ڏٺي ان لاءِ پڇتاءُ ڪين آهي.“

”سچ ويرا، تون ائين سوچيندي آهين؟“

”بلڪل.“

”هڪ دفعي جي ڳالهه آهي — گهٽي ننڍي هئس، پنهنجي پيا جي پرسان ويهي اسڪول جو ڪوئي ليسن ڪري رهي هيس. پيا پنهنجي هڪ دوست سان ڳالهيون به ڪري رهيو هو، مون کي پڙهائي به رهيو هو. خبر ناهي، ڪهڙو بحث هو، پيا جو دوست چئي رهيو هو ”انسان ڪيترو به دلير ڇو نه هجي، عمر سان اوڻٽيهه ڏينهن ته ڪاٽي سگهي ٿو، پر آخر ٽيهين ڏينهن هو ٿڪي پوي ٿو، پڇتائي ٿو ۽ ٽيهون ڏينهن هر مهيني ضرور ايندو آهي.“ مان اسڪول جو ڪتاب پري رکي چئي ٿي هئس ”چاچاجي، فيبروريءَ ۾ ٽيهون ڏينهن ته ڪين ايندو آهي!“ سڀ کلي ويٺا هئا. ان ڏينهن کان مذاق ۾ منهنجو نالو مان فيبروري رکي ڇڏيو هو، پر اڄ

سوچيان ٿي، اصل ۾ اهو نالو تنهنجو هئڻ گهرجي.“

”تنهنجي مهرباني ايڪتا. پر منهنجي مس فيبروريءَ سان ملڻ ڪڏهن ايندينءَ؟“

”هن وقت رات نه هجي ها ته هينئر ئي اچان ها. صبح جو سوير ايندس، تنهنجي ڪاليج وڃڻ کان اڳ ۾. سوير چانهه جو پيالو تنهنجي هٿ جو اچي پيئنديس ....“

صبح صبح جو ايڪتا جڏهن ويرا جي ننڍڙي بنگلي جهڙي گهر وٽ پهتي، هن ڦاٽڪ پرسان بيٺل ويرا کي سجائي ورتو. هوءَ سامهون گلن کي پاڻي ڏيئي رهي هئي. ڏهن ورهين جي عرصي ۾ ويرا جي جسم کي پرپور نه بڻايو هو، صرف هن جي منهن جي جوان لالائيءَ کي گنڀير ڪري ڇڏيو هو. ويرا جي منهن جي اها لالائي اڄ به ايڪتا کي ياد هئي، جا ڪنهن وقت چمڪي هن جي منهن تي سرخ ٿي ويندي هئي ته ڪنهن وقت وسامي ويندي هئي. اها پهچان ايڪتا کي هن وقت ويرا جي منهن ۾ ڪانه نظر آئي، تڏهن به هن ويرا کي سڃاڻي ورتو هو.

ڦاٽڪ جي پرسان پيرن جي آهٽ ويرا کي به ايڪتا جي اچڻ جو آڀاس ڏنو هو. هن ڦاٽڪ جي پرسان بيٺل ايڪتا طرف ڏٺو هو، پر هن جي ڏسڻ سان ايڪتا کي هڪ عجيب خيال آيو ته هوءَ هن ڏانهن نه ڏسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي هئي، هن کي پار ڪري ٻري ٻري ڏسي رهي هئي. هڪ پيرو ايڪتا چرڪي پنهنجا نهاريو، پنهنجي طرف، جڏهن ويرا جنهن طرف ڏسي رهي هئي، اهو ايڪتا ڪان پري ٻيٺو هو. پري ڪٿي به ڪجهه نه هو ۽ ايڪتا کي لڳو ڄڻ ويرا حال کي نه ڏسي رهي هئي، حال جي ان آخرين حد کي ڏسي رهي هئي، جتي حال جي حد ختم ٿئي ٿي ۽ مستقبل جي حد شروع ٿئي ٿي.

”تو مون کي سڃاتو نه؟“ ايڪتا ڦاٽڪ جي پرسان اچي ويرا کي چيو.

”تو رات جو فون نه به ڪيو هجي ها ته به سڃاڻان ها.“

”پر هينئر مون کي ائين لڳو هو ڄڻ تون مون طرف نه، مون ڪان پري ڏسي رهي هئين.“

”پري؟“

”خبر ناهي ڪيڏانهن!“

”تون مون کي ڪالهه رات مس فيبروري چيو هو، پوءِ مان معلوم ڪانهي پاڻ ڪان توکان پري مارچ کي ڏسي رهي هونديس.“

”تيهين ڏينهن کي پار ڪرڻ بنا... سچ پچ تون اهائي ويرا آهين. مون کي ڊپ هو تون شايد بدلجي ويئي هوندين.“

ايڪتا جي آواز ۾ پنهنجائپ هئي ۽ هن اڳتي وڌي

ويرا کي ٻانهن ۾ گهيري ورتو.

”مون جيان تنهنجو انتظار ڪري ٿڪجي پيئي. ٻه ڪرم تي ويو هوندو. اسٽوو تي چانهه لاءِ رکي آئي هئس. هل، اندر هلون.“ ويرا جڏهن ائين چئي ايڪتا کي اندر ڪمري ۾ وٺي ويئي، ايڪتا کي سڄو ڪمرو ويرا جي هستيءَ جو حصو لڳو. ويرا جي خيالن وانگر وڏي ڪفايت سان سجايل ڪنهن به چيز کي ڏسڻ سان ان جي زياده قيمت جو خيال نٿي آيو، صرف ان رچيءَ جو احساس ٿي آيو جا هنري ٻه هئي، سلڌي ٻه ۽ سنجيده به. هڪ ڊيوار تي آسام جي ننڍي وڏي مورتي ٽنگيل هئي. ان جي اڳيان هڪ پلنگ هو جنهن تي هٿ جي هنر جو ٺهيل هڪ غاليچو هو. ان پلنگ تي هڪ گول وهاڻو هو جنهن جي ڪناري تي چانديءَ جا گهنگهرو ٻڌل هئا. ڪمري ۾ ڪتاب گهڻا هئا، پر اهڙيءَ ريت رکيل هئا جو گهڻا هئڻ جو بوجهه اکين ۾ نه ٿي پيو. ٽر جا ٻه ننڍا پيالا هئا جن ۾ ڪجهه تازا گل رکيل هئا.

”ويرا! تون اڃان تائين بلڪل اڪيلي....“

ڳالهه اڃا ايڪتا جي چپن تي هئي، ويرا کلي ڏنو.

”ڪي اڪيلا ماڻهو ٿيندا آهن جي اڪيلا هلندا آهن، پيا هميشه ڪنهن سان گڏ هلندا آهن پوءِ به اڪيلا هوندا آهن. مان پهرئين قسم جي ماڻهن مان آهيان باقي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي موں کي خبر نہ آهي.“

”مان بئي قسم جي ماڻهن مان آهيان .“ ايڪتا ڏيري ڇيو پر مشڪي ڪري. نہ مشڪي هجا، شايد بهتر هيو، ڇو جو مشڪڻ سان هن جو منهن زياده اداس نظر اچڻ لڳو.

”تون خوش نہ آهين، ايڪتا؟“

”ڪيلاڊيپ واڻگر شايد درد بہ ٻن قسمن جو ٿيندو آهي. هڪ ان انسان جو درد جو ڪڏهن خوشيءَ جي تلاش ۾ ڪيڏانهن ڪين وڃي_ جهڙي طرح تون. هڪ ان انسان جو درد جو خوشيءَ جي تلاش ۾ گهران نڪتو هجي، ڏهہ سال ان تلاش ۾ هلندو رهيو هجي ۽ پوءِ ڪيس اهو پتو پوي تہ هو ڪٿي بہ نہ پهتو آهي. اهو انسان مان آهيان.“

ڪنليءَ مان پيالي ۾ چانهہ وجهندي ويرا هڪ ڀيرو ايڪتا طرف ڏٺو، ائين چڻ هوءَ هڪ تازي زخم کي ڏسي رهي هجي، ڇپائين ڪجهہ نہ. پوءِ چانهہ پيئندي ڏيري ڇپائين ”اها ڳالهہ ناهي ايڪي، تہ مان خوشيءَ جي تلاش ۾ ڪيڏانهن بہ نہ ويئي آهيان وڏن ماڻهن سان ملي آهيان. ماڻهو هڪ وڏي ڪتاب جيان آهن، پر ڪنهن پني کي پلٽيندي ائين نہ لڳو تہ مان هن ئي پني جي عبارت کي ڳولهي رهي هئس. گهڻا پنا تہ اهڙا ٿيندا آهن، جيڪي يڪدم اٿلائڻا پوندا آهن.

.... ڪٿي ڪائي سٽ سٺي به هوندي آهي پر هڪ اڌ سٽ جي لاءِ....؟

ويرا فقرو اڌ ۾ ئي ڇڏي ڏنو ۽ کلي پئي چوڻ لڳي. ”ان منهنجي فلاسافيءَ کي تون، مون تائين ئي رهڻ ڏي.“

”تون وڏي همٿ واري آهين، ويرا!“

”صرف ايتري همٿ، ته منهنجو هٿ پڪڙي مونکي منجهيل راهن تان پار لنگهائي ٿي، نه ته مان ڪنهن منجهه ۾ ضرور بيٺي هجان ها، منجهه ته خير وقت پاڻ ئي دور به ٿي ويندا آهن گهڻا ضدي ڪين ٿين، پر انهن جون ڇڏيل نشانيون ڏاڍيون ضدي ٿينديون آهن، منجهه لهي به وڃن اهي قائم رهنديون آهن.“

”نشانيون؟“

”اهي نشانيون ئي هونديون آهن – هٿ ۾ پيل منڊي، سينڌ ۾ پريل سندور يا....“

”ها، ويرا.“

”تنهنجي ڇهري تي ظاهر سوچ جون لڪيرون مان ڏسي سگهان ٿي ايڪي!“

ايڪتا هٿ سان پنهنجي ڇهري کي ڇهيو. ساڄي طرف ڇهري تي لٽڪيل وارن آڱرين سان پري ڪيو. پوءِ ايڪتا پنهنجي هٿن کي غور سان ڏٺو، مٺين کي کولي ۽ پڪوڙي ۽ جڏهن هن اکيون مٿي ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويرا طرف ڏٺو، هن جي اکين ۾ هلڪي پريشاني هئي. چوڻ لڳي- ”هنن هٿن جي پڪڙ ۾ جو ڪجهه اچي ٿو اهو پنهنجو ٿي چوڻ ٿو ٿئي؟“ ۽ پوءِ پنهنجي سوال جي پريشانيءَ کي خود ئي ٽاري پنهنجي آڱرين جي ڇيرن مان ڏسي چوڻ لڳي- ”ننڍي هئس، ڪنهن منهنجي آڱرين ۾ پيل وٿين کي ڏسي چيو هو، تہ وٽ پئسو جمع ٿي نہ سگهي. جڏهن بہ جمع ٿيندو، خرچ ٿي ويندو. آڱرين جي وٿين مان وهي ويندو. سو پئسي جو بہ ڪو قصور ڪونهي ۽ ڪنهن ٻئي جو بہ نہ.... هنن منهنجي هٿن ۾ ڪجهہ ڪنهن ٿي نہ سگهي.“

ويرا چيو ڪجهہ ڪانہ، صرف آهستي ايڪتا جي هڪ هٿ کي پنهنجي هٿ ۾ جهليائين. ايڪتا کي ياد آيو، ويرا هميشه چپ ٿي ٻئي جي ڳالهہ ٻڌندي هئي، تڏهن بہ، جڏهن ننڍي هئي، پر ڳالهہ ڪرڻ واري کي جا تسلي ويرا جي اکيان ڳالهہ ڪرڻ سان ٿيندي هئي ڪنهن ٻئي جي اکيان ڪرڻ سان نہ. ويرا چڙ ڳالهہ کي ٻڌندي نہ هئي، پيئندي هئي.... هوءَ صرف ڪنن سان نہ، اکين سان بہ ٻڌندي هئي ۽ ڳالهہ ٻڌندي جڏهن ٻئي جو هٿ يا ڪلهو ڏيري ڇهندي هئي، ۽ آڱلي کي لڳندو هو تہ هوءَ هٿ سان ٻڌندي هئي. ڪاليج جي ڏينهن ۾ ايڪتا ڪيئي ڀيرا ويرا کي چوندي هئي تون چوڪري آهين يا مسيحا؟ ڳالهہ کي اهڙيءَ

طرح ٻيءِ ٿي وچين جو نگاهه ڏي ختم ٿيل ٿي لڳي
جينئر بہ ايڪتا ڪلي ڪري ويراءِ کي ان- پراڻي نالي
سان پڪاريو ”مسچتو!“ ۽ پوءِ چوڻ لڳي ”تنهنجي
خبر پئجي ويئي آهي تہ ڪيئن پنهنجو نالو لکيو
هوندو. تنهنجن ڪردارن جا من ضرور تنهنجي اڳيان
کلي پيا هوندا ۽ تو مسچتي وانگر انهن کي چوسي
ڇڏيو هوندو.“

”۽ منهنجو من؟“ ويرا کلي ڏنو ”سڀ کان وڌو
مسچتو مان پنهنجي من جي لاءِ آهيان.“

(٦)

ماءُ وتان مليل جائداد جي حصي مان پورت نہ پوڻ
سبب، ڪا نوڪري ڳولهڻ لاءِ ايڪتا ڪيترن ڏينهن
کان سوچي رهي هئي.

اخبار ۾ نوڪريءَ جي ضرورت وارا ڪالم پڙهي
ايڪتا ڪيترن هنڌن درخواستون موڪليون هيون. هونئن
چاهي ويرا ايڪتا کي پنهنجي ڪاليج ۾ لڳائڻ لاءِ
خود ئي چيو هو، پر ايڪتا سوچيو تہ اگر هن کي مهوءَ
کان ٻاهر ڪا نوڪري ملي وڃي تہ سٺو هو.

درخواست جي جواب ۾، هڪ وڏي اتفاق وانگر،
ايڪتا کي بمبئيءَ مان خط آيو تہ هڪ ايڊورٽائيزنگ
ڪمپنيءَ کي تمام جلد هن جي ضرورت هئي. دفتري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خط هو، ايڪتا جي درخواست جي جواب ۾، جنهن ۾ هن کي انٽرويو لاءِ ايندڙ هفتي بمبئيءَ گهرايو ويو هو. پر خط جو دستخط ڏسي ايڪتا کي لڳو ڄڻ ڦيرين ڪٿي اهو نالو ٻڌو هئائين، پر. ايل. شرما. ايڪتا ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ياد نہ آيس.

خط جنهن ٽپال ۾ مليو هو، ٻيءَ ٽپال ۾ پي. ايل شرما جو شخصي خط مليو تہ ايڪتا کي ياد آيو تہ هو رگهوءَ جو ڪجهہ واقف هو. گهر ڪڏهن بہ نہ آيو هو. پر ٻہ ٽي دفعا ٻاهر پارٽين ۾ هن کي رگهوءَ سان گڏ مليو هو. رگهوءَ جي ڪنهن دوست جي دفتر ۾ ڪم ڪرڻ جي خيال کان ايڪتا کي ڪجهہ هچڪ محسوس ٿي پر ان هچڪ کي دور ڪرڻ لاءِ پي. ايل شرما شخصي خط لکيو هو، ان ڪري ايڪتا اطلاع ڏنو تہ هوءَ انٽرويو جي لاءِ نيڪ تاريخ تي پهچي ويندي.

ايڪتا جڏهن بمبئيءَ پهتي، اتي پرنيا جي گهر رهڻ لاءِ ويندي. مرين ڊرائيو جي رش کيس خراب نہ لڳي، لهندڙ شام ۾ اجا هلڪي روشني هئي- هن بمبئيءَ ۾ ايڪتا ڪيئي سال اتاولي سمنڊ جهڙي پنهنجي من جي حالت بہ ڏٺي هئي، پر اڄ رستي تان هلندي، رستي جي ساڄي طرف وهندڙ ساگر کيس اتاولو نہ لڳو پر ڏيري ڏيري لهرائيندڙ لڳي رهيو هو. رستي جون روشنيون بسانڌون ڪولي سمنڊ جي پاڻيءَ کي ڇهي

رهيون هيون ۽ ڇهي ڏڪي رهيون هيون — جيئن ڪوئي حقيقت جي حد ڪان نڪري سپنن کي هٿ ڪري .... !

ٽئڪسي رستي جي جنهن حصي ۾ هلي رهي هئي پريا جو گهر ان ڪان گهٽو پري ڪونه هو. ايڪتا ٽئڪسيءَ سان پنهنجي ننڍڙي اٽئچي ڪيڏي هٿ ۾ ڪئي ۽ ٽئڪسيءَ کي ڇڏي پنڌ هلڻ لڳي. هوءَ پريا جي گهر وچڻ ڪان اڳ رستي جي ڪناري وٽ بيهي ڪجهه دير اڪيلي ساگر جي پاڻيءَ ۾ ڏڪندڙ روشنيءَ کي ڏسڻ چاهي رهي هئي. ايڪتا رستي جي ويڪري حصي وٽ بيهي، اٽئچيءَ کي پيرن جي پرسان رکيو ۽ هوءَ ساگر طرف ڏسڻ لڳي— روشنيءَ جي ٽنڊير ڏسڻ لڳي —

دور — نزديڪ ڪناري واري پٽ جي سهاري ڪيئي ماڻهو ويٺا هئا. ايڪتا سمنڊ مان اکيون هٽائي پٽ طرف ڏسڻ لڳي.

پنهنجون پئي اکيون ڪٽي ايڪتا پٽ طرف اهڙيءَ ريت ڏٺو ڄڻڪ هن ڪان اڳ هن جڳهه تي سوين ۽ هزارين ماڻهن جي ٽڪيل اکين جي وڏي تهه کي ڏسي رهي هئي....

پٽ، زندگيءَ جي هڪ حد وانگر، اسريل هئي. ساگر جون لهرون هن حد سان ٽڪرائجي لڳاتار پٺتي موٽي

رهيون هيون. حالانڪ انهن کي معلوم هو ته هنن ڪڏهن ان حد کي پار نه ڪيو آهي، ڪڏهن پار نه ڪري سگهنديون پر تڏهن به ان سان ٽڪرجڻ لاءِ هميشه ايندديون رهن ٿيون، رڪجن نٿيون اهي هڪ دفعو چئو نه ٿيون سمجهن ته هن حد کي پار نٿو ڪري سگهجي. ايڪتا سوچي رهي هئي ۽ سوچي رهي هئي ته هن جيان هن پيت تي نظرون ٽڪائي بيٺل هر انسان شايد ائين ئي سوچي رهيو آهي....

انهن جي بي سمجهائي ايڪتا کي سٺي لڳي. شايد پنهنجن سپنن جيان. هن جي من ۾ هڪ راحت محسوس ٿي ــ هڪ هنڌ ٽڪيل نه، پاڻيءَ ۾ ڏڪندڙ روشنيءَ وانگر ٿرٿرائيندڙ. هن ريت راحت به هن ورهين بعد ڏٺي هئي.

من ۾ لڏندڙ ــ لمندڙ راحت جو هڪ ٽڪرو ايڪتا کي سٺو به لڳي رهيو هو ۽ اجنبي به ــ جڻ اها من مان پيدا ٿيل من جي هڪ چيز نه هجي.

”هڪ سؤ رپيا، ميم صاحب.“ ايڪتا هڪ آواز ٻڌو. هن کي لڳو ته ڪوئي سندس پرسان اچي بيٺو آهي. هڪ سنهڙو ۽ ڪارو ڇوڪرو هو. هن ايڪتا طرف هٿ وڌايو. هٿ ۾ ڪجهه هوس. شايد سؤ جو نوٽ هو.

”مون وٽ مٽيل ڪونهي.“ ايڪتا هڪ پيرو

ڇوڪري طرف ڏنو ۽ چيو ۽ پوءِ ڏيان هٽائي سا گر طرف ڏسڻ لڳي.

”ميم صاحب....“

”چاهي؟“

”هڪ سؤ رپيا هڪ رات جا، ميم صاحب.... سيٺ جي ٽوڪي سڏي ٿو، هوڏانهن موٽر ۾ ويٺو آهي....“

هڪڙن لاءِ ايڪتا کي چڻ جهٽڪو اچي ويو. هن کي لڳو، سامهون بيٺل هي سنهڙو ڪارو ڇوڪرو ٿي نه، دنيا ۾ ڪو به هن کي ننڍو سجهائي.... هوءَ پلجي ڪري هن دنيا ۾ اچي ويٺي هئي. هن ان ڇوڪري طرف ڏٺو، ”شٽ اپ، پرڀي وڃ هتان.“

ايڪتا پيرن جي پرسان رڪيل انڻجي ڪيس ڪٽي ٽڪل من سان جڏهن پريا جي گهر پهتي، پريا جي چمڪندڙ چهري طرف ڏسي هن کي به ڪل اچي ويئي. ”بنا ڪوٺ مهان آئي آهيان.“ لفظ اچيا ايڪتا جي وات ۾ هٿا، پريا چڙپ ڏيندي چيس— ”مر وڃي— هي ڇ رکي زبان ڪٿان سکي آئي آهين؟ وڪيل صاحب اڄ ٿي سٽن ڏينهن لاءِ حيدرآباد ويو آهي. ڪنهن نواب سڏايو اٿس ۽ پيچ منهنجي من ڪان، مان اچا هيئر ٿي سوچي رهي هئس ته ٽوڪي تار ڪريان جيئن تون مون وٽ اچين....“

”مون سوچيو ته مان توتي ڪجهه احسان ٿي ڪريان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڙي جيڪي گهرائي رات رهائيندا آهن اهي گڏ سؤ رپيا
به ڏيندا آهن، اها جڳهه ڇڏي تو وٽ آئي آهيان ...."
۽ ايڪتا پريا کي هيئنر- هيئنر ٿيل قصو ٻڌايو.
"تون دور سپنن جي دنيا طرف ڏسندي رهندي
آهين. توکي ڪهڙي خبر ته هن طرف ڇا آهي."
"پائي مان ته دور ان طرف ڏسندي رهنديس ....
ڇاهي اوڏانهن ڪڏهن نه وڃي سگهان. هن پاسي منهنجو
ڪڏهن به صلح نه ٿيندو."
"صلح ڪرڻ لاءِ مون جهڙا ماڻهو جيئرا هجن، اگر
تو جهڙا به صلح تي لهي اچن ته پوءِ...." پريا ڳالهه
کي وچ ۾ ئي ڇڏي ايڪتا کي ويهاريو ۽ پڇڻ لڳي-
"ڇانهه ناهيان- ماني ڪرڻ کان اڳ ۾، تون ٿڪجي
پيئي هوندين."
"ها پائي، ڇانهه ته هيئنر پيئنديس."
"اڇا مون کي ٻڌاءِ، ڪائيندينءَ ڇا؟"
"ڏس پريا، جيڪي ڪجهه گهر ۾ تيار آهي، ڪائينديس
پر تون منهنجي پرسان اچي ويهه. هن پيري مان توکي
اهو بلڪل نه ڪرڻ ڏينديس ته تون هر وقت رنڌڻي ۾
ويٺي هجه توکي سٺ طعام ڪرڻ جو شوق آهي اهي
تون پنهنجي وڪيل صاحب کي ئي ڪارائيندي ڪر،
مان ته صرف آچار سان به ماني ڪائي سگهان ٿي."
"چڱو ايڪي، مون کي به تنهنجي پرسان ويهڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا هي ڏينهن وري ڪڏهن ملندا. ته ڪي ڪهڙي خبر ته مان هر وقت جيم ۾ مربا چو وجهندي رهندي آهيان، شايد ڪنهن سان گڏ ڳالهيون ڪرڻ جي ضرورت ڪي ٿي پورو ڪندي آهيان.

پريا جنهن وقت چانهه جو پيالو ٺاهي ڪٺي آئي، ايڪتا چپ چاپ ويهي دريءَ مان ٻاهر ڏسي رهي هئي.

”اڪيلي ويهي ڪلي رهي آهين.“

”ها، ڪلي رهي آهيان، ڪجهه اداسيون اهڙيون به ٿينديون آهن جن تي صرف ڪلي سگهبو آهي. سوچي رهي آهيان، جنهن وقت ساگر جي پٽ وٽ ويٺي هئس، چڱ سپنو ڏسي رهي هئس، ان سؤ رپين واري ڇوڪري کي ان وقت اچڻو هو؟ شايد جنهن وقت جريت ايندي آهي سپنو ڏسڻ جي، ان جريت تي ڪلڻ وارو مذاق به پرسان ٿي ويٺو هوندو آهي.“

(٧)

پي. ايل. شرما جو دفتر ايڪتا ڏٺو ڪين هو. هونئن ان علائقي کي هوءَ چڱيءَ طرح سڃاڻندي هئي، تڏهن به وچڙ ڪان اڳ فون ڪري ڇڏيو.

”اهڙي بي سري بڻجي ڪيڏانهن هلي آهين. ڪپڙا ته ڪجهه ڍنگ سان پاءِ.“ پريا ايڪتا کي واڏل جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سفيد ساڙهيءَ ۾ ڏسي چيو.

”سوشل- ڪال لاءِ نه وچي رهي آهيان پيائي،
نوڪريءَ لاءِ وچي رهي آهيان، ورڪنگ عورت جا
ڪپڙا پهري.“

”پر اهو آشرم ڪونهي دفتر آهي، اهو به
ائڊورٽائيزنگ جو.“

”تہ ائڊورٽائيزمينٽ ماڻهن کان وڌيون پونديون،
مان پنهنجي ڏيڻ ڪان تي وچان. پنهنجي پڙهائيءَ جو
سرٽيفڪيٽ ڏيکو پوندو، اهو کڻي تي وچان. هونئن هو
واقف آهي، هن کي معلوم تہ هوندو ئي.“

مسٽر شرما واقف هو پر تہ به ايڪتا پنهنجو پاڻ
کي انهن سوالن لاءِ تيار ڪري ڇڏيو هو، جي واپاري
لائين جا سوال ٿي سگهيا ٿي.

ڪوئي سوال سامهون نه آيو. ايڪتا کي تسلي
کان وڌيڪ حيراني ٿي- ڪم جي ورهاست ۽ اتي دفتر
۾ ويهڻ وارن ڪلاڪن جي پابنديءَ جي جڳهه تي،
صرف ايڪتا کي ملندڙ سهوليتن جو ذڪر هو. پرن
ڪمرن وارو هڪ فليٽ به ايڪتا کي دفتر طرفان ملندو،
اها وڏي سهوليت به ان ۾ شامل هئي.

”مسٽر شرما، توهانجي ڪمپني ايترو ڪجهه مون
لاءِ ڪندي پر ان جي عيوض مان....“

”معاف ڪجو، توهان جي ڳالهه ڪٽي رهيو آهيان

ايڪتاجي، ڪمپني منهنجي به اوتري هوندي جيتري توهانجي. ان ڪري توهان اسان جي ڪمپني چئو، ڇوته مان سوچي رهيو آهيان ته توهان هن ۾ هڪ ننڍڙو شيئر خريد ڪريو ۽ ڪمپنيءَ جي ڊئريڪٽرن مان هڪ ٿي وڃو."

"پر شيئر خريد ڪرڻ لاءِ هن وقت مون وٽ...."

"ان جي ڪا ضرورت ڪانهي، هڪ هزار جا شيئر ڪافي آهي. اهو هڪ هزار به توهان پنهنجي هن مهني جي پگهار مان اڊوانس وٺو ۽ ان مان شيئر خريد ڪريو. مان چاهيان ٿو ته آفيس ۾ ڪم ڪرڻ وارا سڀيئي ماڻهو پاڻ کي ڪمپنيءَ جا مالڪ سمجهن."

"هي سڀ مون کي.... ڪجهه احسان وانگر لڳي ٿو..."

"احسان منهنجو نه، توهانجو ٿيندو، روز هن دفتر ۾ ايندا، ويهندا- توهان جي ڪئبن کي توهان جيئن چاهيو فرنش ڪرائي ڏيان ٿو، ديوار جو جيڪو به رنگ اوهانکي پسند اچي، پردا به توهان، جنهن رنگ جا چاهيو. ٽائيپسٽ اپائنٽمينٽ ليٽر ٽائيپ ڪري رهيو آهي. اهو توهان هينئر ئي وٺو، اڊوانس پگهار به. ان جي رسيد به مون ڪيس ٽائيپ ڪرڻ لاءِ ڏني آهي ۽ شيئر جا ڪاغذ به هو تيار ڪري رهيو آهي. اچو، اوتري دير ۾ مان توهان کي توهانجي ڪئبن ڏيکاريان."

سمجهه ۾ ڪجهه ڪين اچي رهيو هو، پر ايڪتا کي مسٽر شرما اٿڻ لاءِ چيو هو، هوءَ اٿي. ڪئبن ڏنائين. ڪئبن ننڍي هئي- ذرا ڊگهي. ايڪتا کي ان جي شڪل هڪ سوال جي نشانيءَ جهڙي لڳي. ڪئبن ۾ ويٺي لڳو ته سوال جي نشاني هن جي سامهون نه هئي، هوءَ سوال جي نشانيءَ جي وچ ۾ ويٺي هئي.

”توهان جو فليٽ دفتر کان ذرا دور آهي، پر فڪر ناهي، صبح جو ايندي وقت مان توهان کي پنهنجي ڪار ۾ وٺي ايندس.“ مسٽر شرما چيو ته ايڪتا کي پنهنجي گرد پيل سوالي فقرو ٽائيٽ ٿيل لڳو. چوڻ لڳي، ”منهنجي ڪم جا تفصيل توهان مون کي نه ٻڌايا، پليز اهي ذرا....“

”سڀ کان وڏو ڪم ايڪتاجي، توهان جو هن دفتر ۾ اچي ويهڻ آهي. ڪمپني ترقي ڪري رهي آهي وڏا ڪلائينٽس جڏهن اچن ٿا، انهن کي امپريس ڪرڻ لاءِ هڪ ته دفتر تمام سٺو هئڻ گهرجي. توهان ڏٺو ئي آهي اسان دفتر کي هن سال نئون موڙ ڏنو آهي. ٻيو جيڪڏهن توهان اسٽاف ۾ هوندا، اسٽاف ۾ ب... مالڪن ۾ به....“

”منهنجو خيال هو ته ريپا ڪمائڻ ڏاڍو مشڪل آهي. مون کي معلوم نه هو....“ ايڪتا کلي ڏنو.

”توهان جهڙي خوبصورت عورت جي لاءِ مشڪل؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙو ڪلائينٽ هوندو جنهن سان توهان ڳالهه ڪريو ته هو . "

"ان جو مطلب آهي ته هر مهيني هڪ خاص رقم جو بزنيس ڪمپنيءَ کي وٺي ڏيڻو پوندو."

"اهڙو ڪوئي شرط ڪونهي. هي توهان ٻڌي رهيا هئا، مون ڇڏي ڏنو، هوندُن بزنيس ته پنهنجو پاڻيهي ٿي ويندو، مون کي يقين آهي."

" پر پائي توهان جا ڪلائينٽس اڇن_" ايڪتا گهبرائڻ لڳي پر همت رکي هن چيو- "هي ڪلائينٽس جيڪڏهن مون کي ٺيڪ نه لڳن. مان انهن سان ڳالهيون نه ڪري سگهان...."

"جڏهن توهانکي پتو هجي ته ڪمپني توهان جي آهي ۽ ڪنهن ڪلائينٽ وٽ وڃي ڳالهه ڪرڻ سان توهانجي ڪمپنيءَ کي اينٽري پرافٽ ٿئي ٿي، ان وقت ڪا دقت نه ٿيندي، ان جو توهان فڪر نه ڪريو."

"منهنجو خيال آهي ته .. "

"ڇڏيو ان ڳالهه کي، توهان جي دل چوي ته ڪنهن سان ڳالهه ڪجو، نه ته بلڪل نه. اهو به مان ائين ئي چئي رهيو هوس: مان خود ئي شايد توهان کي اهڙن ماڻهن وٽ نه موڪلي سگهان. توهان جو خيال آهي ته توهان کي اهڙن ماڻهن وٽ موڪلڻ ۾ منهنجو حوصلو وڌي ويندو؟ مان گهٽو پريسو آهيان...."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اهو به شايد توهان اڳين ڏي ڇئي رهيا آهيو — ڇو
ته پهرين ڳالهين کان پوءِ به توهان ڇپو هو ته....“

”تنهنجو قسم ايڪتا.“ مسٽر شرما ايڪتا جي هٿ
کي پنهنجي هٿ ۾ کڻي ٻئي ترين دٻائي چيو، ”تو کي
ڪهڙي خبر ته تون ڪيترن سالن کان منهنجي دل ۾
سمايل آهين، پر مونکي لڳندو هو ته سڀ ارمان مان
پاڻ سان گڏ کڻي ئي مري ويندس. هينئر جڏهن بندو
ته رگهوءَ کان تو طلاق ورتو آهي ته مون کي لڳو
ته شايد ايشور منهنجي لاءِ ئي.... مان روز سوچيندو
هوس ته تو تائين ڪيئن پهچان ته تنهنجي اڳليڪيشن
اچي ويئي....

ايڪتا مسٽر شرما جي هٿن مان پنهنجو هٿ ڇڏايو
ته پر هن کي لڳي رهيو هو ڄڻ هٿ سندس ٻانهن مان
ڇڄي الڳ ٿي ويو آهي. هڪ پيڙا محسوس ڪندي
ايڪتا ٻئي اکيون بند ڪري ڇڏيون.

اکيون بند هيون ان ڪري ايڪتا ڏٺو نه، صرف
محسوس ڪيو ته هن جي گردن پرسان ڪجهه بار جيان
محسوس ٿي رهيو آهي. پاڻ به ۽ ڪجهه آلو به. گهبرائجي
هن اکيون کوليون. مسٽر شرما جا چپ ايڪتا جي
گردن پرسان جهڪيل هئا. ايڪتا دروازي پرسان هئي،
دروازو صرف ڀيڪڙيل هئو. هٿ لڳائيندي ئي کلي
پيو ۽ ايڪتا ڪمري مان ٻاهر نڪري آئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڪا لهندي هن کي لڳو ته، هن جي پنهان تيز قدمن سان ڪوئي اچي رهيو آهي، پر ڏاڪا سنسان نه هئا، هڪ چپراسي هٿ ۾ ڪجهه فائيل کڻي هيٺان کان اچي رهيو هو. ايڪتا پاڻ سنڀالي ڏاڪا لهڻ لڳي. پنهان مسٽر شرما سڏ نه ڪيو. هيٺ پورچ ۾ پهچي مسٽر شرما ايڪتا جي پرسان اچي چيو- ”هڪ پيرو سوچجو ايڪتاجي، هي خادم توهان جو انتظار ڪندو. اڳ ۾ ڏي ڪيئي سال ڪندو رهيو آهي، هميشه به ڪندو رهندو....“

رستي تان وينڊز ٽئڪسيءَ کي ايڪتا هٿ ڏيکاريو. ٽئڪسي بيهجي ويئي. ”مرين ڊرائيو.“ ايڪتا چيو. ٽئڪسيءَ ۾ ويهندي هن کي لڳو- هن شهر ۾ سندس سپنن جو مذاق اڏائڻ لاءِ ڪيس خط لکي گهرايو ويو.

پريا وٽ پهتي ته ايڪتاڪلي رهي هئي. ”نوڪري ملي ويئي؟“ پريا اتساه وچان پڇيو، جواب جو انتظار نه ڪري چوڻ لڳي ”مان توکي علحده فليٽ- بلڊنگ نه وٺڻ ڏينديس. مون وٽ ٽن ڪمرن جو فليٽ آهي. هڪ ڪمرو تنهنجو. ڪهڙو ڪمرو کپئي؟ مون کي خبر آهي، تون هي سامهون وارو ڪمرو چونڊيندينءَ جنهن مان سمنڊ نظر اچي رهيو هجي.“

”پر سمنڊ کي پريان ڏسي ته بڌي ٺٺو سگهجي، پڌڻ لاءِ ته ان جي پرسان وڃڻو پوندو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چا مطلب؟“

”مطلب ڏسڻ لاءِ ڊڪشنري ڏسڻي پوندي آهي، هيءَ تو ڪهڙي پنهنجي الماريءَ ۾ پراڻي ڊڪشنري رکي آهي، مان اڄ هڪ نئين ڊڪشنري ڏيئي آئي آهيان. پراڻي ڊڪشنري ۾ ارٿ به پراڻا هوندا آهن، پر نئين ڊڪشنريءَ ۾...“

”مثلاً؟“

”مثلاً ڊائريڪٽر جو ارٿ هميشه ٿي ويو آهي مسٽريس....“

”ڊائريڪٽر؟“

”ڊائي، اڄ مون کي صرف هڪ هزار جي نوڪريءَ جي آفر نه ملي، پر اها آفر به ملي ته مان ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽر بڻجان. سمجهي وئينءَ؟“

”ها، سمجهي ويس.“ پريا هڪ گهرو ساهه کنيو.

”پوءِ مون ڊڪشنري ڏني، سامهون پيٺي هئي، مسٽر شرما ڪليل ڊڪشنري وانگر هو. ان ۾ مون ڏٺو ته ڊائريڪٽر جو ارٿ ٿيندو آهي مسٽريس — سو مان سبق ياد ڪرڻ جي لاءِ واپس آئي آهيان، آفر اڃا به قائم آهي، جيڪڏهن مون کي سبق ياد ٿي ويو ته....“

”اهو سبق توکان ياد نه ٿيندو....“ پريا پنهنجي ساهه کي هڪ ڪوڙي ڍڪ جيان اندر وجهي ڇڏيو ۽ ابڪتا کان پڇڻ لڳي ”تو لاءِ چانهه آڻيان؟“

”ماڻهو غم مٽائڻ لاءِ چاڙهه نہ پيئندا آهن، شراب پيئندا آهن، اهو پيئڻ گهرجي.“ ايڪتا چيو ۽ پنهنجو هيٺيون چپ پنهنجي ڏندن جي وچ ۾ دٻائي ڇڏيائين.

(٨)

پريا جي ڪمري جي هڪ دريءَ وٽ جهنگلي گلن جي هڪ ول ڦهليل هئي. هيٺ هڪ ڪونديءَ ۾ پريا اها ول لڳائي هئي ۽ پنهنجي دريءَ جي سن شيڊ سان نوڙي ٻڌي هئي ان ول جي ڏگهين تارين کي سهارو ڏنو هو. سائي رنگ جون سنهڙيون تاريون ۽ ان ۾ واڱڻائي رنگ جا گل نظر ايندا هئا.

ڪجهه تلهين ڏانڊين جي وچ ۾ ڪنهن جهرڪيءَ ڪک ڪانا ڪٺا ڪري آکيرو ٺاهيو هو. شام لهڻ وقت جڏهن سامونڊي هوا لڳندي هئي، تاريون جهولنديون هيون. تارين جي وچ ۾ پيل آکيرو به جهولندو هو.

آنن مان ننڍا ننڍا ٻچا ڦٽا هئا. تمام ننڍا ـــ اجها اڏامڻ لاءِ پر نہ کوليا هئائون صرف انهن جي هلڪي جهلڪ سندن هستيءَ جو ثبوت ڏيندي هئي.

”انسان جو من چا ٺيندو آهي، ايڪي؟ اڏامندي ڦرندي تارين ۾ آکيرو ٺاهيندو آهي. تارين کان پڇندو نہ آهي، بس انهن جو سهارو وٺندو آهي. جهرڪيءَ جا ٻچڙا چڻن ڏينهن جي لاءِ پرن جا محتاج ٺيندا آهن پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيال سچي عمر ئي پرن جا محتاج رهندا آهن.“ پريا هڪ فقرو ڪٿي پنهنجو هيٺيون چپ پنهنجي ڏنــدن ۾ دٻايو.

”نڪل توکي ڏاڍو ياد ايندو آهي؟“ ايڪتا آهستي چيو.

”شايد منهنجي عجيب حالت آهي. ڪوئي ڏاگهو سامهون ناهي جو ان جو سرو پڪڙيان، پوءِ به ائين لڳندو آهي جيئن سڀ ڪجهه الجهي ويو هجي.“

”جڏهن ياد اچي ويندو آهي-“

”توکي هڪ ڳالهه ٻڌايان- مون گذريل ڏينهن ۾ نڪل کي ڏٺو، هو، صرف ڏٺو هو، سڃاتو نه هو، منهنجو مطلب آهي.... منهنجي من ۾ پهل پاڇي سان هو ملندو نه هو- چڻ پاڇو هنجو هوندي به هنجو نه هجي.“

سڪل ڳوڙهن سان جيڪڏهن ڪنهن جون اکيون پرجي سگهن ٿيون ته پريا جون اکيون پرجي آيون. چپ ٽائيپ ٿيل نار وانگر ٿڏي ويا ۽ هوءَ چوڻ لڳي-

”هن نـڪل ڏٺو - اچانڪ هڪ پارٽيءَ ۾ ملاقات ٿي ويئي هئي.“

”تنهنجي جڳهه تي مان هجان ها، سوچيان ها، من کي ورهين جو پهل بار لهي ويو.“ ايڪتا ڪليو.

پريا بہ ڪلي ڏٺو، پر چپن سان، من سان نہ. چيائين ”لڳو ڄڻ ته ڪي بہ ان طرح هو. ڪلهن تـي ورهين کان جيڪي ڪجهه رکيل هو، لڳو، ان کان نجات ملي هئي.

پر پوءِ اڳلي ڏينهن، ان کان اڳلي ڏينهن ڪنهن شيءِ جي وڃائجي وڃڻ جو احساس ٿيو.... بار سان به شايد لڳاؤ ٿي ويندو آهي- اهو پنهنجو لڳڻ لڳندو آهي. ڪٿي ڪٿي انسان ٽڪجي پوندو آهي، پر لاهي من ڪٿو ني پوندو آهي....“

ايڪتا جي ڪلهن هلڪو ديوار جو سهارو ورتو- هڪ عجيب ٿڪاوت ۾ هئي اها ئي ٿڪاوت هئي جا جسم جي ڪانءِ ٿئي، صرف من جي ٿيندي آهي پر مان مان نڪري، سرندي سيني انگن ۾ سمائجي ويندي آهي.

”ايڪي، تون ڪيئن سوچيندي آهين؟“

”اهو سڀ مونکي ان ڌرتيءَ جي پيڙا جيان لڳندو آهي، جا سبز ٿي سگهندي هجي، پر جنهن کي بلڪل اجڙ ٿيڻو پوي. عورت جي حصي ۾ به ڪجهه ان طرح آيو آهي. جيئن هڪ چيز جو اندريون حصو سر سبز هجي، ٻاهريون برباد ...“

ايڪتا چپ پر پوءِ هڪ وڪري ۾ پنهنجي خيالن کي روڪي ورتو. پاڻ کي وس ڪرڻ جي عادت ايڪتا ناهي چڙدي هئي- خيالن کي هوءَ گهڻي دير تائين هڪ ئي طرف وهڻ نه ڏيندي هئي، خاص ڪري جڏهن هوءَ ڪابهِ ڳالهه ڪنهن جي سامهون ڪري رهي هجي، هوءَ پنهنجو پاڻ کي وڌيڪ جذباتي ٿيڻ کان اڪثر بچائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندي هئي. دريءَ طرف ڏسندي ۽ گلن جي واين ۾ جهولندڙ جهرڪين جي آکيرن ڪي ڏسي پريا ڪان پڇيائين.

”تنهنجن ٻارن جو ڪهڙو حال آهي، مون کي گهڻو عرصو ٿي ويو آهي انهن کي ڏٺي. هڪ ڀيري تو انهن جو فوٽو موڪليو هو، ان ۾ ڪافي وڏا پئي لڳا.“

”وڏي وڪي ٻڙودا ڪاليج ۾ پڙهندي آهي، ننڍو سرجو مسوري اسڪول ۾. صرف موڪلن ۾ هتي ايندا آهن. ڪڏهن سوچيندي آهيان اهي ٻئي هتي گهر ۾ رهن، هتي پڙهن، منهنجو وقت ڪٽجي وڃي. پر سندن پيءُ کي اهو پسند ڪونهي. ننڍو ڪڏهن اتي اداس ٿي ويندو آهي، پر وڪي پنهنجي هاسٽل ۾ بيحد خوش آهي. منهنجي دل ٿي چوي، ڪڏهن تون وڪيءَ کي ڏس. ڏاڍي خوبصورت نڪتي آهي. ننڍي هئي ته ڏاڍي ڪمزور ۽ سانوري هئي، پر هيئنر ايتري پياري نڪتي آهي....“

”ڪيس موڪلن ۾ ڪجهه ڏينهن لاءِ موڪلج.“

”ڪيترا ڀيرا مان هن سان تنهنجون ڳالهيون ڪندي آهيان، چوندي هئي مان ڪڏهن ايڪتا آنٽي وٽ وڃي ضرور رهنديس.“

اها وڪي پريا جي مڙس جي ڀيڻ جي ڌيءَ هئي. پريا جي جڏهن شادي ٿي، وڪي ڇهن

ورهين جي مس هئي، پر پريا کي ڪڏهن به اهو خيال نه آيو هو ته وڪي ڪنهن به طرح هن جي پنهنجي نه هئي. نندڍو سرجو جڏهن ڄائو هو، ڇاهي هو پريا جي پنهنجي ڪک مان پيدا ٿيڻ وارو ٻار هو، پر هن کي لڳو هو ڄڻ اهو هن جو پيو ٻار هو.

”وڪيءَ کي ڏسندي آهيان تـه مون کي پنهنجي ڪاليج جا ڏينهن ياد اچي ويندا آهن— هن جون اکيون به خبر ناهي ڪٿي، مستقبل جي سپنن ۾ کوهيل— حال کي ڄڻ ڏسن ئي نه— هونئن ڏهــن – پندرهـن سالـن ۾ ڪيترو فرق پئجي ويو آهي ايڪي! ڪيئن ڏسي لڳندو آهي ڄڻ ٽون— مان بـه گـذريل صديءَ جون آهيون. هونئن هـن طرف ڏسـي مون کـي لـڳندو آهــي، هي ڇوڪريون اسان کان گهڻو اڳتي هونديون – بولڊ ائنڊ اسٽرانگ.“

”جيڪڏهن طاقت صرف ٻاهران نه اندران به اچي.“

”ايڪي تنهنجو خيال آهـي، هــيءَ وڌنڌڙ آزادي آهي——“

”منهنجو خيال آهي هيءَ صرف ٻاهران جي تبديلي آئي آهي، اندران اچا نه. هونئن هيءَ اندران ئي تبديلي آڻڻ لاءِ هڪ طرح جي اسٽرگل (جدوجهد) آهـي. اچا ان ۾ ٿئندو وڌيڪ ڪجهه، ٿهندو گهٽ....“

”مـان صرف هڪ ڳالهه سوچيندي آهيان تـه هـي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوٿريون اسان جيان_ تو جيان ته شايد نه، ٽڙن مون کان وڌيڪ تندرست آهين_ پر مون جيان بي هنيار نه هونديون. هڪ ڪجهه ٿني پوندو ته پيو ڪجهه جوڙڻ لاءِ همٿ ڪنديون. هڪ ٻي هنڌ ٻيهي هڪ ٻئي قسم جو ساهه کڻڻ.... اهو شايد نه ڪنديون...."

"اڻين ڪنديون پر تہ بہ ڪٿي ڀڄنديون يا ڪٿي ٻيهنديون ... ڪٿي ڀڄڻ لاءِ ڪو رستو گهرجي، ڪٿي ٻيهڻ لاءِ ڪو ٺڪاڻو. قيمتن کي ٽوڙڻ ايترو مشڪل ڪانهي پر انهن جي جڳهه تي نيون قيمتون جوڙڻ گهڻو مشڪل آهي .... ۽ اهو جوڙڻ هڪ ڪان نٿو ٿي سگهي."

"هي شايد پنهنجي ارد گرد کي به بدلينديون."

"ٿي سگهڻ ۾ ۽ ٿي وڃڻ ۾ وڏو تفاوت آهي پريا، اهو تفاوت متجندو ٿي نہ. ان تفاوت کي نہ مٽائڻ ۾ گهٽن جي دلچسپي آهي، ان ڪري اهو مٽجي نٿو. ڪجهه بہ ڪرڻ ۽ ٿيڻ کان اڳ آرٽڪ طور ڪجهه ٿيڻو پوندو آهي."

"جتي بہ ڪنهن جو ڪم پوندو اتي ڪو ٿي نہ ڪو ٿي پيو. ايل. شرما هوندو."

"۽ ان حالت ۾ ڪنهن جي لاءِ بہ هڪ ٿي رستو بچندو_ ٿني پوڻ. چپ چاپ هڪ طرف ٻيهي ٿني پوڻ، يا ان سڀ ڪجهه جو حصو بڻجي ان سان گڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملي ٿئي پوڻ. ٿئٹو اهڙتي ريت پوندو. نيڪ معنيٰ ۾ هن زندگيءَ ۾ سڀ ڪجهه ڪري سگهڻ مشڪل آهي."

"تون پنهنجي لاءِ ڇا سوچيندي آهين، ايڪي؟ ڪوئي ڪامپروومائيز توکان نه ٿيندو."

"چپ چاپ هڪ طرف بيهي رهي آهيان، جيتري دير بيهي سگهنديس، بيهي رهنديس، پوءِ ان کان اڳ ته ڪنهن جي هٿان ٿئٹو پوي، پنهنجن هٿن ڪي ٿي ڪجهه ڇونديس—"

"ايڪي — تون مون سان اقرار ڪر ته تون ڪڏهن به ...."

"مان جيئڻ چاهيان ٿي پريا، اقرار تڏهن ڪريان جڏهن مان خود جيئڻ نه چاهيان. جيستائين ٿي سگهندو ضرور جيئنديس. اڙي، جي ڪوئي اهڙو ملي ويو. جنهن کي ڏسي وڏيڪ جيئڻ جي چاهت ٿئي، ته ان سان عشق به ڪنديس."

ايڪتا کلي رهي هئي، پريا ڪجهه گنڀير ٿي چيو.
"تون ڪجهه نه ڪندينءَ، مون کي خبر آهي تون عشق پشق ڪجهه نه ڪندينءَ."

"تنهنجو مطلب آهي مون کي اهڙو ڪوئي ملندو ئي نه؟"

"اهڙو ڪوئي اسان جي سپنن ۾ ئي هوندو آهي. اڃا تائين ته مون کي ڏٺو ڪونهي."

”پوءِ پاڻي جيڪڏهن اهڙو ڪوئي هوندو ٿي نه ته مان ڇا ٿي ڪري سگهان؟“

ٻئي ڳالهيون ڪري رهيون هيون ته دروازي جي گهنٽي وڳي. پريا جڏهن دروازو کوليو ته سندس ڏيءُ وکي هٿ وارو پرس اندر ڪرسيءَ تي رکي سندس ڳلي ۾ ٻانهون وڌيون ”مميءَ کي سرپرائيز ۾ وڌم.“

”اڙي وکي، تون ڪيئن؟“

”هاسٽل مان ڀڄي آئي آهيان.“

”سچ ٻڌاءِ.“

”مون کي ڪاليج مان ڪڍيو ويو.“

”هيءَ ڪاليج مان نڪتل جي شڪل آهي؟“

” پريا پيار مان وکيءَ جو ڳل چميو . وکيءَ ڪاري جين ۽ ساڻو بلائوز پهريو هو، جنهن سبب هن جو قد اجا به ڊگهو لڳي رهيو هو ۽ سندس چهرو اجا به چست.“

”مميءَ کي سرپرائيز ۾ وڌم. مون کي خبر هئي ممي گهٻرائجي ويندي.“

” ائين ته مان خوش آهيان ، تون اچي وئينءَ . تنهنجي ايڪتا آنٽي آئي آهي، هينئر مان هن سان ڳالهيون ڪري رهي هئس.“

”ايڪتا آنٽي آئي آهي، مزو اچي ويو.“

ايڪتا اڳتي وڌي وکيءَ کي ڀاڪر پاتو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تون سچ پئي چيو پريا، تہ وڪي بيحد خوبصورت نڪتي آهي.“

”سچ آنٽي، مميءَ اها ڳالهہ چئي هئي؟ مون کي تہ ممي هميشہ ائين چوندي هئي تہ ايڪتا آنٽي بيحد خوبصورت آهي، تون تہ ان جي مقابلي ۾ ڪجهہ بہ ناهين. آنٽي مان توهان سان مقابلو نٿي ڪري سگهان، اهو ٺيڪ آهي، پر هينئر ڪجهہ تہ سٺي لڳڻ لڳي آهيان.“

”يو آر رئيلي بيوٽيفل! تون سچ پچ خوبصورت آهين.“

”پر ممي، ايڪتا آنٽي چا ٿي چوي، تون مونکي صرف ڪوائيٽ پرٽي چوندي آهين.“

”ايڪتا آنٽي توکي فلئٽر ڪري رهي آهي“ پريا کلي چيو.

”اڄ ممي توکي چيڙائي رهي آهي جيئن توکي نظر نہ لڳي وڃي، پر من ۾ ڏاڍي خوش آهي.“ پرسان ٿي ايڪتا چيو.

”سچ؟ چڱو آنٽي! مميءَ منهنجون پيون ڪيتريون گلائون ڪيون آهن؟

”گهڻيون ئي ڪيون آهن، پوءِ پڌايانءِ ٿي. پهرين اهو ٻڌاءِ تہ تو سرپرائيز ۾ ڪيئن وڌو؟“

”سرپرائيز ۾ تہ مان پيس آنٽي، توهانکي ڏسي مان جڏهن بہ مميءَ وٽ ايندي آهيان، سڀين موڪلين ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ممي بس توهان جون ئي ڳالهيون ڪندي آهي_ مان ته سوچيندي هئس ته اها ڪا آنٽي نـه هوندي _ انڪل هوندو_ مميءَ جو بواءِ فرينڊ."

"ڏس ايڪي." پريا ڪلي چيو "هيئر هيءَ ڇوڪري؛ ماءُ سان مذاق ڪرڻ لڳي آهي." ۽ پريا تمام آهستي وڪيءَ کي چيو، "اسان جو وارو تهگذرڻو هو، گذري ويو، هيئر تنهنجو وارو آهي ڏيءَ."

"چڱو ممي، هيئر اسان جو وارو ئي سهين. توهان جي دعا گهرجي." وڪيءَ انهن لفظن کي اهڙي انداز ۾ چيو جو پريا ٽهڪ ڏيئي کلندي رهـي. ۽ دعا جـي انداز ۾ هن وڪيءَ جي مٿي تي هٿ رکيو.

"آنٽي توهان به دعا ڏيو. نه، ان طرح نه، مون کي چوڻ گهرجي_ ماءُ جهڙي ماسي جي...." اهي لفظ ٽهڪ ڏيندڙ وڪيءَ جي وات ۾ هئا، ايڪتا پيار وچـان هن کي ڳلي لڳائي ڇڏيو. مـن ۾ آيس _ جيڪو چڙهندڙ جوانيءَ جي هيءَ ڇهڪ هنن ويچارين ڇوڪرين جـي، هميشه زنده رهي سگهي، پر ايڪتا چيو ڪجهه ڪين.

"ممي، مان صرف بـه ڪلاڪ هتي ترسـي سگهان ٿي. ڪاليج جي گروپ سان گڏ آئي آهيان اجنتا ايلورا ڏسڻ.گروپ جي انچارج ٽيچر مشڪل سان موڪل ڏني آهي هتي لهڻ جي. اسانجي بس ٻن ڪلاڪن بعد هتان

لنگھندي، ھارن وڄائيندي ۽ مان ھلي ويندي. اسان کي اڄ رات واپس بڙودا پنھنجي ھاسٽل ۾ پھچڻو آھي. جلدي ڪجھہ ڪاراءِ، ڏاڍي بک لڳي آھي.“ وڪيءَ چيو. پريا رنڌڻي ۾ ھلي ويئي ۽ وڪي ايڪتا سان گڏ پلنگ تي ويھي رھي.

”تو ڪي موڪلون ڪڏھن ملنديون؟ ھن پيري موڪلن ۾ مون وٽ مھو اچجانءِ، جيترا ڏينھن تنھنجي دل چوي.“

”آنٽي، اڪيلي اچان يا ڪنھن فرينڊ کي بہ سا ڻ وٺي اچان؟“

”جنھن کي تنھنجي دل چوي وٺي اچج. تڏھن سرجو بہ ھتي ھوندو موڪلن ۾، ڪيس بہ وٺي اچج.“

سرجوءَ کي نہ، ھو ننڍو آھي. ذرا ڪيڏانھن گھمڻ لاءِ وڃ تہ ھو تڪڙي پوندو آھي. ھو ھتي مميءَ وٽ رھندو. ھنن موڪلن ۾ مون کي ۽ ھڪ فرينڊ کي خوب گھمڻو آھي— آءِ مين بواءِ فرينڊ. آنٽي، ھن سال منھنجو ھڪ بواءِ فرينڊ ٿيو آھي— ڪمال جو آھي.“ وڪيءَ جي آواز ۾ مستي ھئي.

”بواءِ فرينڊ ڪمال جا ئي ٿيندا آھن، سڀني کي ڪمال جا لڳندا آھن.“ ايڪتا کلي ڏنو.

”نہ آنٽي، اتي ٻين ڇوڪرين جا بہ بواءِ فرينڊس آھن، ڪنھن سان ڳالھائڻ تي دل ڪين ٿيندي آھي،

سڀ ساڏارڻ آهن. پر هو ڪيٽس .... هوئن سندس نالو ڪيرٽي آهي، سڀ ڪيس ڪيٽس ڪري سڏيندا آهن."

"ءِ ڏوڪي مذاق ۾ فٽني نہ چوندا آهن؟"

"آنٽي، ممي کي نہ ٻڌائج، هن جا سڀ دوست مون کي فٽني ڪري سڏيندا آهن. چڱو، جيڪڏهن ممي کي ٻڌائڻو هجي تہ منهنجي وچڻ ڪان پوءِ ٻڌائج، اتي مون کي ڪوئي بہ وڪي نہ سڏيندو آهي؟ سڀ فٽني چوندا آهن...."

"ڪيرٽي تمام سٺو ڇوڪرو آهي؟ آءِ مين ٻوئر ڪيٽس...."

"سمپلي ونڊرفل آنٽي."

هڪ عمر ٿيندي آهي، جنهن جي هر هڪ گهڙي جادوءَ جي ڳنڍ وانگر ڪلندڙ لڳندي آهي- يا گل جي هڪ هڪ پنکڙيءَ وانگر ٽڙندڙ. اها عمر جڏهن بہ جنهن تي ايندي آهي، پنهنجي اندران اٿندڙ خوشبوءِ سان اها مهڪي - مهڪي ويندي آهي. وڪي بہ مهڪي رهي هئي.

هوءَ چوڻ لڳي- "منهنجو ءِ هن جو هڪ سال جو ڪانٽرئٽ آهي دوستيءَ جو. هن مون کي ٻڌايو هو تہ هو ڪڏهن بہ شادي نہ ڪندو. ڪنهن سان بہ نہ - ڪاليج جي پڙهائي ختم ڪري هو آمريڪا هليو ويندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيڪ پڙهڻ لاءِ. جيڪڏهن وچي سگهيس ته مان به وينديس اڳتي پڙهڻ لاءِ. اڃان اسان هڪ سال دوست رهنداسين. پوءِ هڪ سال بعد جيڪڏهن من ۾ آيو ته ڪانٽرئڪٽ نئون ڪنداسين، نه ته نه. چڱي فيئر گيم آهي نه آنٽي؟“

”ها فيئر آهي، پر وکي سچ ٻڌاءِ، اندران تنهنجي دل چوي ٿي ساڻس شادي ڪرڻ سان؟

وکي ڪجهه دير چپ رهي- ان ريت، جهڙيءَ طرح اها ڳالهه پنهنجو پاڻ کان پڇي رهي هجي. پوءِ چيائين ”آنٽي، خبر ناهي، اڃا مان ان ڳالهه تي سوچيو ڪانهي. هونئن هڪ ڏينهن منهنجي هڪ ساهيڙيءَ پنهنجي بواءِ فرينڊ کي ڪائي سوکڙي ڏني هئي. ان ڏينهن ڪيرتيءَ مون کي چيو هو ته هو مون کي ڪجهه نه ڏيندو. ان ڏينهن هو هڪ سگريٽ پي رهيو هو ۽ نظم پڙهي رهيو هو- ”هيءَ منهنجي پريزنٽ (تحفو) آهي- انگيجمينٽ رنگ (منگڻي جي منڊي)- تون پائي گهمين ٿي؟“

”مون پنهنجي آڱر دونهين جي ان ڇلي ۾ وڌي.“ وکيءَ ڳالهه ٻڌائي، ايڪتا طرف ڏٺو. پوءِ پنهنجي هٿ طرف ڏسڻ لڳي- شايد ان آڱر طرف جنهن ۾ ان دونهين جي منڊي پاتي هئي.

ايڪتا چيو ڪجهه ڪين صرف وکيءَ جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهليو- ننڍيو- ڪومل ۽ زندگيءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سپنن کي پڪڙڻ لاءِ تمام اتاولو.

وڪي ڪجھ ڪائي ۽ ڪجھ ساھيڙين لاءِ ڪٺي جڏھن ھلي ويئي، ايڪتا پريا جي چھري تي ڪجھ خوشي ڏني. وڪيءَ لاءِ چاھه پريل پريا ھن کي تمام سٺي لڳي. چيائين_ ”ھڪ تنھنجو ھيءُ پھلو مون کي ڏاڍو وڻندو آھي پريا، تو کي سچ پچ وڪيءَ ۾ ۽ ننڍي سرجوءَ ۾ ڪوئي فرق نٿو لڳي؟“

”ائين مون کي سچ پچ ڪڏھن نٿو لڳي.“ پريا ڪلندي چيو، ”بلڪل وڪيل صاحب ته مون کي چوندو آھي_ وڪي تنھنجي سڳي ڌيءَ آھي، پر مان تنھنجو ماتيلو مڙس آھيان.“ ۽ پوءِ ھوءَ ڪلندي ڪلندي گنڀير ٿي ويئي، ”تو منھنجو سٺو پھلو ته ڏٺو آھي ايڪي_ منھنجو ھڪ پھلو تمام برو آھي، تو اھو ڏٺو ڪونھي. مون کي خود ئي اھو سٺو نه لڳندو آھي، خبر ناھي ڇا ٿي ويندو آھي_ سڀ سان سٺي آھيان، پرائي کان پرائي سان پيي، پر وڪيل صاحب سان گڏ مان راھه ويندي خار ڪائي اٺندي آھيان، جو ڪجھ زندگيءَ ۾ نه پاتو، ان جو ڪھڙو قصور.... ھو ته ساري ڪسر مون مان ئي ڪيڍندو آھي. سپني سان ايترو پيارو ڳالھائيندو آھي پر جو ڪجھ ته ھن جو رکو آھي_ صرف منھنجي لاءِ، ڏاڍو ڪمائندو آھي، ھيترو پئسو آھي پر اگر مون لاءِ ڪجھ خرچ ڪرڻو ھجي. ھڪ ھڪ پئسو ڳڻيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. انسان خواه مخواه چڙي اٿندو آهي. اسان ٻئي ڏي، شايد هڪ ٻئي لاءِ غلط آهيون ۽ هڪ ٻئي تي سارو غصو ڪيندا آهيون.... هونئن پنهنجي جڳهه نه هن جو قصور آهي نه منهنجو. هڪ ٻئي کي ڏسي اسين سوڙها ٿي ويندا آهيون."

ايڪتا اونهو ساهه کنيو. ڪيٽري چپ رهي، پوءِ چيائين "اهوئي فرق آهي جو ڪڏهن ته اٿو اچي، ڪنهن کي سمجهائي ڏيڻ ته نٿو وڃي. اهو انسان جو ڪنهن صحيح ساٿيءَ سان ملي نه چاڻ چا تي سگهيو ٿي، اهو نٿو ٿئي. بس سمينٽجي چڳي جهڙو رهجي ويندو آهي. ڪنهن هڪ موسم جا گل جيئن ٻئي موسم ۾ ڪوئي پوکي ڇڏي...."

"پر هڪ ڀيرو پوکيا وڃن، پوءِ نه موسم بدلجي سگهي ٿي نه زمين." پريا جون اکيون آليون ٿي ويون ۽ سندس چپن تي هن جا لفظ ڏڏي ويا. "پر گل ته هليا ويا هن دنيا مان...."

(٩)

گذريل ڪيٽرن سالن کان ايڪتا محسوس ڪري رهي هئي ته هوءَ جڏهن به ڪنهن سان گڏ هوندي آهي، ڪنهن هڪ يا ڪجهه ماڻهن سان، گڏ، هن جي اڪيلائپ وڌي ويندي آهي. اها ڪجهه گهٽ ٿيندي هئي ته صرف ان وقت جنهن وقت هن وٽ ڪوئي نه هوندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ هونديءَ هئي، ان سان گڏ هلڪي آگ جو احساس ٿيندو هو، ۽ بس. سگريٽ پيئڻ جي ايڪتا کي عادت ڪانه هئي، پر ڪڏهن اڪيلائيءَ ۾ هوءَ سگريٽ پيئندي هئي. سگريٽ جي دونهين ۾ هن جي من جو دونهون ملي هن جي اندر ۾ هن جي گرد هڪ مهڪ ڇڏجي ويندو هو. ان خوشبو سان هن جي سڃاڻپ ٿي شايد هن جي اڪيلائيءَ کي اڪيلو نه رهڻ ڏيندي هئي.

ايڪتا کي بمبئيءَ ڪان مهوءَ آئي ڇهه ڏينهن ٿي ويا هئا، پر بمبئيءَ ۾ ڦٽي ويل هن جي ننڊ اڃا به رات کي گهڙڻ نٿي آئي— اڄ به رات گهاٽي ٿي ويئي هئي پر ايڪتا کي ننڊ نه آئي. هن هڪ نه، ڪيترائي سگريٽ ڇڪيا، ۽ پنهنجي سڃاتل مهڪ مان ڪيترا اونها سوڻا ڪٽي گذريل سالن بابت سوچيندي رهي. هڪ هڪ گهڙيءَ جي هڪ هڪ تهه ڪي کٽندي رهي ۽ ان جي گهرائيءَ ۾ ڏسندي رهي— رگهو سڀني تهن ۾ موجود هو، پر هڪ اجنبيءَ وانگيان.

”۽ ان ڪتاب جيان،“ ايڪتا کي خيال آيو، ”جو ڪتاب ڪنهن کي امتحان ڏيڻ لاءِ ضرور پڙهڻو هجي، پڙهيو هجي، بار بار ان ۾ سوال ڦولهيا هجن، جواب ڏنا هجن، فقرا بر زبان ياد ڪيا هجن ۽ پوءِ امتحان ڏيڻ کانپوءِ اهو ڪتاب هن لاءِ بلڪل ڪنهن گهرج جو نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو هجي-"

"اسڪول ڪاليج جو نہ، مون زندگيءَ جو امتحان ڏيڻ لاءِ هن رگهوءَ کي پڙهيو هو، ان آخرين صفح تائين، جنهن کان پوءِ ڪور جو پنو اچي ٿو - هينئر امتحان ختم ٿي ويو آهي، مون لاءِ انهيءَ ڪتاب کي وري پڙهڻ جو سلسلو بہ ڪٽجي چڪو آهي-" ايڪتا سوچيندي رهي ۽ هي کي پيڙا گاڏڙ ڪل اچي ويئي-"امتحان ۾ پاس ٿي آهيان يا نہ، ان ڳالهہ جو ڪتاب سان ڪوئي تعلق ڪونهي." ۽ ايڪتا جا خيال ڪئملين جي قطار وانگر هن جي من جي ديوار تي چڙهندا ويا. "صحيح معنيٰ ۾ هي پاس وارو لفظ خبر ناهي ڪنهن کي نصيب ٿيندو آهي الائي نہ. جيڪي انسان ان لفظ جي سرٽيفڪيٽ کي حاصل ڪيل ڏسبا آهن، ڪير ٿو چائي تہ انهن اهو سرٽيفڪيٽ هڪ جعلي سرٽيفڪيٽ جهڙو نہ ڏهيل.."

اصلي ۽ جعلي سرٽيفڪيٽ جي ڳجهہ کي سوچيندي ايڪتا ننڍا ڪڙي ٿيڻ لڳي. ان ننڍا ڪڙي صورت ۾ هن کي لڳو- هري هن جي پرسان بيٺو هو.

"پٽر جهڙو منهن بڻائي تون ان طرح چپ چپ چو بيهندو آهين؟" ايڪتا چڻ کلي ويئي ۽ هريءَ کان پڇيائين.

"چڱو پايي، مان پٿر ٿي سهين، پٽر بہ تہ ڪنهن

ڪم ايندا آهن.“ هريءَ جا چپ آهستي کليا.

”ها، پٽر ڪم ايندا آهن مٽو پيڇڻ جي.“

”تنهنجو مٽو ته پيڇندو ڪونه، مان مٽو به پنهنجو پيڇندس.“

”هيءَ فلاسافي توکي ڪهڙي ڪم ايندي هري؟ پٽر به پنهنجو ۽ مٽو به پنهنجو.“

”هيءَ منهنجي فلاسافي منهنجي ڪم نــه ايندي پاپي، پر هڪ ڳالهه مان توکي ٻڌائي ڇڏيان ته تنهنجي فلاسافي بـه اندران اهائي آهي. اها تنهنجي بـه ڪنهن ڪم نه ايندي.“

”منهنجي فلاسافي؟“

”رکهو توکي پيار نٿو ڪري. تنهنجو بـه مون جهڙو حال آهي. آخر ۾ پٽر به تنهنجو رهجي ويندو ۽ مٽو به تنهنجو.“

”هري!“

”اڄ تون منهنجي ڳالهه تي غصو ڪائين ٿـي، پـر ڪڏهن ورهين بعد سوچيندينءَ....“

”مان سچ ٻڌايان هري ، سوچيندي مان هينئر به آهيان پر مان اهو مڃڻ نٿي چاهيان ته مان ائين سوچيندي آهيان. تون ان ۾ منهنجي مدد ڇو نه ٿو ڪرين؟“

”ڪهڙي مدد ڪريان؟“

”جيترو ٿي سگهيئي تـون مون کـان دور رهندو

ڪر... ڪڏھن ڪڏھن تون مون کي ھڪ آئيني جيان لڳندو آھين، مان تو کي سچ ٻڌايان ، مان ھينئر آئيني نٿي ڏسڻ چاھيان ــ مان سچ پچ رگھوءَ کي پيار ڪريان ٿي ۽ ھن وقت مان وسارڻ نہ ٿي چاھيان تہ رگھو بہ مون کي پيار ڪري ٿوــ تو طرف ڏسي مون وٽ اھا ڳالھہ ٽڪي نٿي، ان ڪري ..."

"ان ڪري تون مون طرف ڏسڻ نٿي چاھين. مان ڪيڏانھن ھليو وڃان جتان۔"

"مون ائين ڪٿي چيو تہ تون اوڏانھن ھليو وڃ جتان تنھنجي ڪائي خبر نہ اچي، پر تون ڪجھہ دور ھليو وڃ. تنھنجي خبر اچي، پر تون...."

"مان نہ اچان . چڱو پاپي ! پر ھڪ ڳالھہ تو کي ٻڌائي ڇڏيانــ مان توکان دور وڃي گھڻا ڏينھن جيئرو نہ رھي سگھندس ...."

ايڪتا چرڪي ويئي پر ھن ھريءَ کي ڪجھہ نہ چيو. ھري ھليو ويو. خبر ناھي ڪيڏانھن ، پـر ايڪتا جي بدن مان اھو سيات نہ ويو. ان سيات سبب ايڪتا جـي ننڍا ڪڙي حـالت چـرڪجي سچيت اڪين واري حالت ٿي ويئي.

ھينئر ايڪتا اھا گھڙي پنھنجي سامھون ڏٺي ھئي جا اڳ کان پنج سال پھرين ھـن پوگھي ھئي . گذريل پنجن سالن ۾ کيس پتو ئي نہ ھو تہ ھري ڪٿي آھي.

ڪڏهن اڏامندڙ خبر وانگر هن به ڪجهه نه ٻڌو هو. وچڻ کان اڳ هو تمام گهڻو شراب پيئڻ لڳو هو، پر ان کان پوءِ بلڪل پتو ناهي ته هن شراب گهٽايو هو يا وڌايو هو، هن جو بيمار نظر ايندڙ چهرو ڪجهه راضي ٿي ويو هو يا وڌيڪ بيمار ٿي ويو هو.

”چڱو پاپي، پر هڪ ڳالهه توکي ٻڌائي ڇڏيان ته مان توکان دور وڃي گهڻا ڏينهن جيئرو نه رهي سگهندس.“ هريءَ جا اهي لفظ جڏهن به ايڪتا کي ياد ايندا هئا، هن جي اندر مان ڪجهه ڳهلي ويندا هئا، پر اڄ جڏهن ڪيس اهي لفظ ياد آيا، هن کي لڳو ته هن جي اندر تمام گهرو ڪجهه ٽٽي پيو آهي.

”پٿر جهڙو منهن ٻڌائي ٿو ته ان طرح چپ چاپ ڇو ويهندو آهين؟“ ايڪتا جا چيل لفظ ٿي اڄ هن کي اندر ئي اندر ڏڪ هڻي رهيا هئا. لفظن سان گڏ هري جو پٿر جهڙو منهن به ڏک هڻي رهيو هو، ۽ هن جي اندر تمام گهريون ڏارون پئجي رهيون هيون....

۽ پوءِ خبر ناهي ڪهڙي وقت ايڪتا کي ننڊ اچي ويئي.

ڪمري ۾ صبح جي روشني اچي رهي هئي ته ايڪتا جا ڳپي پيئي. ڪليل اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو.

اچانڪ ڪمري جو دروازو کليو. ايڪتا جي پاڻٺي هڪ خط اچي ڪيس ڏنو، ”آنٽي هي خط توهان جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هينئر آيو آهي (ايڪسپريس)."

ايڪتا پهرين پائنتي طرف ڏٺو- هن اسڪول وارا ڪپڙا پهريا هئا. ايڪتا کي لڳو، هن جاڳڻ ۾ سچ پچ گهڻي دير ڪئي هئي. پوءِ هن خط طرف ڏٺو- سڄاتو- خط سندس ساهيڙي پريا جو هو! "پريا کي ايڪسپريس ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت پيئي؟" ايڪتا سوچيو ۽ خط کولڻ لڳي.

ٿورڙيون سٽون هيون، پر ڏسندي ئي ڏسندي اهي ايتريون ڦهلجي ويون جو ايڪتا جي پيرن هيٺان زمين کسڪندي ويئي. ۽ ايڪتا جي پيرن محسوس ڪيو ته انهن جي بيهڻ لاءِ ڪا زمين ٽڪري نه هئي. لکيل هو، "ايڪي، توڏ خبر ناهي پريشان هوندينءَ يا نه، ان بيحد پريشان آهيان. اڄ، هينئر مون کي خبر پيئي آهي ته هريءَ کي سرگواس ٿئي چار سال ٿي ويا آهن. بدنصيب هو تو کان پري وڃي پورو سال به جيئرو نه رهي سگهيو...."

ايڪتا خط کان گهبرائجي اکيون بند ڪري ڇڏيون. صبح جي روشني بند اکين جي ٻاهر به هئي اندر به- پر هڪ ڦوٽي مان وهندڙ رت وانگر....

(۱۰)

ايڪتا جو پاءُ ايڪتا لاءِ جو ڪجهه سوچيندو هو، هن کان پڇڻ بنا ڪاهن نه سوچيندو نه ڪندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر هڪ گهڙيءَ لاءِ هن ايڪتا کان نه پڇيو هو، هن ڪجهه چيو ٻه، تہ ٻہ نہ ٻڌو هو.

بلگاريا ۾ هڪ انٽر راشٽريہ اڏيوگڪ ميلو ٿي رهيو هو. اروڻ بمبئيءَ جي هڪ فرم سان مليل، ان ميلي ۾ پنهنجو مال موڪلي رهيو هو. ايڪتا کي پنهنجي فرم جو عيوضي ڪري موڪلڻ لاءِ، هن ايڪتا جا سڀ ڪاغذ تيار ڪري ڇڏيا.

هي سڀ ڪجهه .... ايڪتا کي پريشاني محسوس ٿي رهي هئي.

”هن وقت نه، تہ اينڊز سال تون منهنجي ڪم کي گهڻو ڪجهه سنڀاليندينءَ. ايڪي! مان پنهنجي ڪم جي ڪنهن ٻئي شهر ۾ هڪ برانچ کولڻ چاهيان ٿو. اڃا پوري طرح سوچي نہ سگهيو آهيان ڪٿي، پر ان کان اڳ ۾ ٿورو تجربو ٿي ويندو. اهو منهنجي لاءِ بہ ايترو فائديمند ٿيندو جيترو تنهنجي لاءِ. پر هن وقت تنهنجي وچڙ کي سان پنهنجي ڪم جي خيال کان ايترو اهميت پريو نٿو سمجهان جيترو تنهنجي فائدي لاءِ. هڪ دفعو چاهي ڪجهه ڏينهن لاءِ هي تنهنجو ماحول بدلجڻ گهرجي.“

”پر اڃا مون کي ڪوئي تجربو ڪونهي، پر وڃڻ کان اڳ جيترا ڏينهن بہ باقي آهن، مان پوري ڪوشش ڪنديس مان ڪم کي سمجهي سگهان پر ان هوندي بہ

جيڪر منهنجي بجاءِ تون خود وچين....“

”اهو مان سمجهي سگهان ٿو ايڪي، پر مان سوچيان ٿو ته تون....

”سڌن لفظن ۾ تنهنجي ان سڀ جي پنيان هڪ احسان....“

”ايڪي....“ پاءُ خاموش ٿي ويو، پوءِ ڪلي چيائين ”آل رائيٽ، هڪ سوغات سمجهه. احسان جهڙو لفظ چوڻ ۽ سوچڻ لاءِ هڪ وڏي ڊاريائپ گهرجي، منهنجو ويچار آهي....“

”مان ڊاريائپ واري هنڌ بيهي ائين نٿي سوچيان.“

”پوءِ ايترو پاري لفظ تون پاڻ تي ڇو ٿي کڻين؟“

”چڱو سوغات سمجهان ٿي....“

ايڪتا وڌيڪ ڪجهه نه چيو، هڪ پيرو پنهنجن هٿن طرف ڏٺو- ڇڻ ايڏي وڏي سوغات کي وٺڻ لاءِ پنهنجن هٿن کي تيار ڪري رهي هئي.

پوءِ هڪ پيرو هن پاءُ جي چهري طرف ڏٺو- چهرو هميشه جيان چپ ۽ پيارو هو، گهڻو ڪجهه چوندو به نه هو، پڇندو نه هو، جيترو ڪجهه چاڻي سگهيو ٿي ايترو جيترو هن لاءِ ڪافي هوندو، پر ته به ايڪتا کي لڳو ته اهو چهرو اڄا چپ ٿي ويو هو - شايد وڏي پاءُ رشتي ڪان به وڌو ٿي ويو هو-

طلاق جو لفظ پنهنجو پاڻ ۾ ڪنهن کي ڪنهن ڪان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جدا يا آزاد ڪنڊ ۾ لڳندو آهي. ايڪنا ڪي گذريل ڪيترن ڏينهن کان ائين لڳي رهيو هو ته جو ڪجهه هن جي آسپاس هو، ان جو نشان هينئر به باقي هو. اجا سڀ ڪجهه هن جي لاءِ ان نشان جيان هو، جنهن کي هوءَ هٿ سان ڇهي ڏسي ٿي سگهي. ماس جو اپريل حصو، جو بدن سان لڳل هو، بدن کان الڳ به.

ايڪنا کي لڳو هن جي ياءُ شايد هن کي اندران پرکي ورتو هو .... ۽ ايڪنا پنهنجي منهن تي آيل پسيني کي هٿ سان اگهيو. هوءَ شايد گذريل ڏينهن ۾ ٿيل بمبئيءَ واري حادثي کي به پنهنجن خيالن سان اگهي رهي هئي....

ماڻهن ۽ اجنبي اسٿانن جي وچ ۾ اڪثر هڪ اڪيلائي هوندي آهي، جنهن کي پرڻ لاءِ ماڻهن انهنَ اسٿانن جو اتهاس پڇندا آهن، پوءِ نئين پرائي اتهاس جو ڪو ڏي سرو هو پاڻ سان جوڙيندا آهن ، پر اهو سڀ ڪجهه ايڪنا لاءِ ڪڏهن به ضروري نه ٿيو هو- پنهنجي چاتل سچاتل ديش کان ٻاهر اجنبي ديش ۾ وڃي رهي هئي. هوائي جهاز مان نظر ايندڙ ٻاهريون نظارو ايڪنا کي چڱ پنهنجو لڳو. هوءَ جهاز ۾ اندر ويٺي هوندي به اندر ايتري نه هئي جيتري ٻاهر — انيڪ بادلن مان هلندڙ هڪ ٽڪري بادل جيان.

خيالن به گهرن بادلن جو روپ ورتو. گهٽا ٽڪرا

ايڪتا ڇهي لنگهي ويا. پر پـــر ٽڪرا ڪمري ديـر هن جي ساڃي ڪابي ڦري هن سان گڏ هلندا رهيا. هڪ رگهوءَ جو چهرو هو، هڪ هريءَ جو.

اڄ ڪان، ٻارهن سال اڳ جا ڇهرا- جڏهن رگهو ۽ هري ٻئي ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهندا هئا. پڪا دوست هئا. هاسٽل جـي هڪ ئي ڪمري ۾ رهندا هئا. هڪ ڏينهن صبح جو چانهه پيئندي هريءَ واچ طرف ڏٺو هو ۽ چانهه جو پيالو اتي ميز تي رکي هو اٿي بيٺو هو. رگهوءَ ڪارڻ پڇيو هو ته هريءَ ذرا هچڪي هن کي ٻڌايو هو ته هر روز هڪ ڇوڪري ٻاهرين مــوڙ وٽان لنگهي پنهنجي اسڪول وينديءَ آهي، گذريل ڏهن ڏينهن کان هو ان موڙ تي بيهي ان لنگهندڙ ڇوڪريءَ کي ڏسندو آهي، هن سان ڳالهائيندو نه آهي ، صرف ڏسندو آهي. رگهوءَ انهيءَ ڏينهن هريءَ جـي مـذاق اڏائيندو رهيو، ”يو ڊئم.... گو ٽ هئيل....“

پوءِ.... پوءِ.... خبر ناهي ڪهڙيءَ ريت رگهوءَ ان ڏينهن جنهن چيز کـي هئيل چيو هـو اهـا هميشه لاءِ هريءَ واسطي هئيل بنجي ويئي....

ٻئي ڇهرا هڪ وقت ئي ايڪتا جا واقف ٿيا هئا. هڪ چپ چپ هو، زرد هو- ٻيو برائيٽ هو، اگريسو هو. خوبصورتي ٻنهي ۾ هئي پر ايڪتا عمر جي جنهن حصي مان لنگهي رهي هئي اها آسانيءَ سان چپ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ٿي سمجهي سگهي. رگهوءَ جي آواز هن کي موهي وڌو هو. ۽ پوءِ جو ڪجهہ رگهوءَ جي لاءِ هئون (سرگہ) بڻجي ويو، هريءَ جي لال هئيل....

ايڪتا جي لاءِ آيل برات ۾ رگهو گهوڙيءَ تي چڙهيل هو، هري پيدل هلي رهيو هو .... رگهوءَ کي مبارڪون ملي رهيون هيون، هريءَ جي صرف پرسان گذري رهيون هيون. پوءِ رگهو ۽ ايڪتا هني مون منائڻ لاءِ نئنيتال هليا ويا، ۽ هري ڪرنال جي نزديڪ پنهنجي ڏاڏائي ڳوٺ پاڳل هليو ويو، جتي ڪرنال کان سترهان ميل ڪچي رستي تان گهوڙي گاڏيءَ ۾ ۽ ٻارهن ميل پيل گاڏيءَ ۾ لڳندا هئا.

هڪ سال گذري ويو، ٻہ سال گذري ويا — پڌو هري بيمار هو. رگهوءَ ايڪتا کي هريءَ بابت سڀ ڪجهہ خود ٿي ٻڌايو هو. هن جي پراڻي دوستي رگهوءَ جي من ۾ هڪ پيڙا پري ڇڏي، ۽ هو ايڪتا کي ساڻ ڪري هريءَ کي سندس ڳوٺ مان واپس آڻڻ لاءِ ويو هو. چپ چاپ ۽ پيلي - زرد هريءَ کي هو جڏهن گهوڙي - گاڏيءَ ۾ ويهاري موٽي رهيا هئا ايڪتا کي "چپ" جي معنيٰ جي ڄاڻ پئي هئي.... ڪچي رستي تي بدن کي ڌوڏا اچي رهيا هئا. ڌوڏن سبب ٽنٽڙ ايڪتا چپ ٿي ويئي... هري بہ چپ هو، ايڪتا بہ چپ هئي، پر اها چپ، چپ سان گڏيل ڪانہ هئي—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻن ٽڪرن ۾ ٽٽل ھئي....

پوءِ ٻيا سال.... ۽ سال.... ھري صرف تڏھن ڳالھائيندو ھو جڏھن رگھو ايڪتا تي غصي ٿيندو ھو. ھو صرف ھڪ جملو چوندو ھو ”پاپيءَ کي نہ رئار، مون کان ڏٺو نٿو وڃي.“ ٻيو جملو ھو ڪڏھن ڪونہ چوندو ھو.... ٻيو جملو ۽ پوءِ ھرھڪ جملو ھن جي موجودگي ھئي .... موجودگي بہ منجھي ويئي .... سڀ ڪجھ ھڪ جملو بڻجي رھجي ويو ھو- ھوا جي شڪل ۾، جنھن ۾ ايڪتا ساھ کڻندي ھئي- تڏھن بہ، ھينئر بہ. چپ ڪانہ رھيا ھئا، جملو اڃا بہ ھوا ۾ مليل ھو.

ايڪتا ھوائي جھاز جي دريءَ مان ٻاھر ڏسي رھي ھئي. پنھنجو پاڻ کي، جو سچ پچ ان دريءَ کان ٻاھر ھو.... وري بادلن جا ٻئي ٽڪرا، جيڪي گھرا ٿسي ھن کي ڇھي رھيا ھئا ۽ ھن سان گڏ ھلي رھيا ھئا- ٻئي چھرا- اچانڪ سنھا ٿي ھڪ دونھين وانگر پکڙجي ويا- رگھوءَ جو چھرو اجنبي ٿي دور ھڪ طرف ھليو ويو، ۽ ھريءَ جو چھرو نجاڻ ڪيڏانھن ... ڪٿي نزديڪ ڪجھ ڪين ھو. صرف ايڪتا کي ائين لڳو تہ ھن جو پنھنجو پاڻ ڪجھ وڌيڪ گھاٽو ٿي ويو آھي- شايد ھريءَ جو چھرو دونھون بڻجي ڪيڏانھن دور نہ ويو ھو، ھن جي خود ٿي ملي ويو ھو.... ھڪ پراڻي چپ، جا ٻن ٽڪرن ۾ ٽٽل ھئي، ملي ھڪ ٿي ويئي ھئي....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”زندگيءَ جنهن چيز کي هڪ نئين ڪري سگهي،
اها صرف موت جي هٿان هڪ ٿيندي آهي.“

ڇهه ڪلاڪ هڪ لنبي ساهيءَ جيان هئا. ماسڪو اچي ويو هو. بلگاريا لاءِ ٻيو جهاز ٻئين ڏينهن هلڻو هو. اڄ جي شام ۽ اڄ جي رات ايڪتا کي هتي ايئر پورٽ تي رهڻو هو. هن وٽ ان ديش جي ويزا ڪانه هئي، هوءَ شهر ۾ نه ٻئي وڃي سگهي. ايئر پورٽ وارن ڪيس تي ڪوپن ڏنا هئا، جن مان هوءَ ايئر پورٽ جي ريسٽارنٽ ۾ ٿي ٻيرا جيڪي چاهي کائي سگهي ٿي.

رستي جي هن طرف ايئر پورٽ هو، ٻئي طرف ان جو هوٽل. ڪجهه ٽڪرو رستي جي هن پار هو، ڪجهه هن پار، ۽ ان وڏي اجنبي ديش کان ٽٽي ايڪتا جي انڌ - ويهڻ ۽ ڏسڻ جي حد ۾ اچي ويو هو. ايڪتا پنهنجي حد ۾ آيل ان ٽڪر کي پنهنجي نظرن سان سميٽي ڏٺو....

اهو تمام خوبصورت هو. هن طرف ماڻهن جي چهل پهل هئي، هن طرف ماسڪو جا گهاٽا جهنگل هئا. وڻن کي زبان نئي ڪانه، ماڻهن جي زبان هن کي سمجهه ۾ ڪانه ٿي آئي، ان ڪري هڪ عجيب حال هو، هڪ عجيب اڪيلائي. ۽ ايڪتا کي لڳو اهي ڪجهه گهڙيون ٻين نه ڪنهن لاءِ هيون، نه به صرف هن جي لاءِ هيون.

ايئر پورٽ جي هڪ انگريزي چاڻندڙ ڇوڪريءَ ايڪتا کي ڇيو تہ جيڪڏهن هن کي ريسٽارنٽ ۾ وڃي ڪجهہ ڇوڻ ۾ دقت ٿيندي هجي تہ هوءَ سندس مدد ڪري سگهي ٿي. پر ايڪتا غير زبان جي دقت کي پوگهڻ نہ، جيئڻ چاهي رهي هئي. هن انهيءَ ڇوڪريءَ جي مهرباني مڃي ۽ صرف اهو پڇيو تہ هڪ ڪوبن خرچ ڪرڻ جي حد ڪيتري هئي؟

”هڪ روبل پنج ڪوپڪ،“ ايڪتا پڇيو ۽ پوءِ اڪيلي ريسٽارنٽ ۾ هلي ويئي. اها ايئر پورٽ جي مٿئين حصي ۾ هئي- هتان کان ٻاهر شيشي جي درين مان ماسڪو جا جهنگل ڏسڻ ۾ ٿي آيا- هر خوبصورت جڳهہ ايڪتا کي پنهنجي لڳندي هئي - چاهي اها پنهنجي ديش ۾ هجي، چاهي ان کان ٻاهر.

هن وقت واچ ۾ شام ٿي ويئي هئي، روشنيءَ ۾ شام ڪانہ ٿي هئي. اهو مئي جو مهنو هو - ماسڪو جي گورين گورين راتين جو مهنو. ست وڳي ويا هئا، پر وڻن جون مٿيون ٽاريون سورج جي اس ۾ ٻڏل هيون. ايڪتا جا هٿ انهن ٽائين نہ ٿي پهچي سگهيا- نظر پهچي ٿي سگهي- نظر سان هزارن وڻن کي سميٽي ايڪتا پرسان آندو- ۽ ايڪتا کي لڳو- هوءَ انهن کي اهڙيءَ ريت ڏسي رهي آهي، ڄڻ انهن کي ڪيتري وقت کان سڃاڻندي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڪتا جي ساڙهيءَ کي ڏسي ڪجهه عورتن ”انڊيا؟“ هڪ لفظ چيو هو، پوءِ پيار سان مسڪرائڻ لڳيون هيون. ايڪتا انهن جي شڪريه ادا ڪئي هئي، انکان وڌيڪ پنهنجائپ تي نه پئي سگهي. ڊاريائپ ڏيکارڻ جو ڪوئي ڪارڻ نه هو- ان ڪري ايڪتا کي هڪ عجيب راحت جو احساس ٿيو ۽ ايڪتا کي خيال آيو ته انسان کي يا ته هڪ ٻئي کي سڃاڻڻ لاءِ بلڪل ڪا زبان نه سکڻ گهرجي، يا تمام چڱيءَ طرح ۽ تمام گهڻي سکڻ گهرجي. نه ڄاڻڻ ۾ به ڪوئي پڙڪاءُ نٿو ٿئي- گهڻو ڄاڻڻ ۾ به ڪوئي پڙڪاءُ نٿو ٿئي. پر جتي اڃي سڀ ڪجهه غلط ٿي ويندو آهي اها انهن ٻنهي حالتن جي وچ واري حالت آهي....

اڄ ايڪتا وٽ ڪنهن جي لاءِ ٻــ لفظ نــ هئا، ڪنهن وٽ به ايڪتا جي لاءِ لفظ نـه هئا، ان ڪري جيترا به انسان ايڪتا جي نزديڪ هئا، اهي هڪ اسٽان جيان هئا، اسٽان جو حصو هئا. بلڪل ان طرح جيئن دور ڪجهه وڻ ان پرڏيهي اسٽان جو حصو هئا.

ايڪتا هڪ ڪوپن ريسٽارنٽ جي هڪ چوڪريءَ کي ڏنو ۽ پنهنجي حصي مان چاليهه ڪوپڪ جي هڪ بيئر ورتــي. بيئر جو هڪ ڍڪ پيئندي ايڪتا کي لڳو ته اڄ جي شام هن جي زندگيءَ ۾ اها پهرين شام هئي جنهن جو هڪ هڪ پل هوءَ بيئر جي هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڀڪ جيان پي رهي هئي - زندگيءَ جو وقت هميشه هن ڪاٽيو هو، اڳي ڪڏهن به نه ڏٺو هو.

(١١)

اروڻ کي ايڪتا جا ڪجهه خط مليا هئا، سڀ ۾ ڪم جو ذڪر هو. اروڻ کي ايڪتا ۾ هميشه هڪ وشواس رهيو هو پر هن کي ٻاهرين ديش ۾ موڪليندي هڪ ڀيرو اروڻ کي ائين ضرور لڳو هو ته هن اهو قدم پنهنجي وشواس ڪان به وڌو ڪنيو هو. ان ڪري هڪ هلڪي گهٻراهٽ هن ۾ ڪجهه ڏينهن رهي هئي. هوندئن هوگهٽو پريشان ڪونه هو. اها گهٻراهٽ به هن جاڻي ٻجهي ڪنئي هئي. هيءَ قيمت ڏيڻي به هو سمجهيندو هو ته هن کي هيئن ڪرڻو هو. پر هيئنر جڏهن ايڪتا جي خطن ۾ هن ڪم جا تفصيل ڏنا، هن کي هڪ عجيب تسلي ٿي ته ايڪتا جو وچڻ صرف ايڪتا لاءِ ئي نه، ڪم جي خيال ڪان به نيڪ هو.

ايڪتا کي پاڻ ۾ وشواس وڌيڪ ٿي ويو هو، اهو خطن مان ظاهر هو، پر انڪان وڌيڪ هن پنهنجي باري ۾ ڪجهه نه لکيو هو. پر اروڻ کي ايڪتا جو جيڪو خط آيو، خط ننڍڙو هو، پر اروڻ هڪ ڀيرو پڙهيو، ٻه ڀيرا پڙهيو ۽ پوءِ خط کي ٻانهن ۾ ڪٺي اهڙيءَ طرح اڻ سان سوگهو ڪيو جڻ پنهنجي ڀيڻ کي پنهنجي گلي

لڳاڏي ڇڏيو هجي. اڪيل هو- ”اروڻ، اڄ مون ڪجهه پاتو آهي. اهو- جنهن کي پاڻ لاءِ اڄ تائين جيئندي رهيس. هن ڌرتيءَ ڏنو آهي. زندگيءَ جا سڀ ڏينهن هن ڌرتيءَ جي قرضدار رهنديس. ڌرتيءَ جي ٻه ۽ تنهنجي ٻه، ڇو جو اهو سڀ تنهنجي هٿان ٿيو آهي. جنهن جي وجود کي مون دنيا ۾ ڏسڻ پئي چاهيو، ڏٺو آهي. هي لڪندي مان ان کي اکين سان ڏسي رهي آهيان، هٿن سان ڇهي رهي آهيان، اهو منهنجي سامهون آهي.... نه سامهون نه، مان خود ان جي اندر آهيان، ان ۾ سمايل ۽ ان کي پاڻ ۾ سمائي .... توکي ان جو نالو ٻڌايان.... وارنا.... اهو ڌرتيءَ جو هڪ عجيب ٽڪرو آهي.... هڪ طرف ساگر، هڪ طرف پهاڙ، هڪ طرف جهنگل ٽنهي جو سنگم آهي. ساگر مون کي انسان جي وشال ۽ جل ٿل ڪندڙ آتما وانگر لڳي رهيو آهي ۽ جهنگل ماڻهوءَ جي ان من وانگر، جن ۾ نت نئين راه ملندي آهي - رنگن ۽ سڳنڌ سان ڀريل نت نئين ”گرت“ جو نشان. ۽ اونچا اونچا پهاڙ انسان جي ”انتلائڪٽ“ جو سمبل آهي- جتي پهچڻ لاءِ گهٽيون چاڙهيون چڙهٽيون پونديون آهن....

”اروڻ مان هتي ٽي چيزون ڪنهن انسان ۾ ڳولهيندي هيس- ڪنهن مرد ۾. اڄ لڳي ٿو ان آسٿان جو روپ ورتو آهي ۽ اهو مونکي ملي ويو آهي. روپ بدلجڻ سان ڇا ٿو ٿئي، هو مون کي ملي ويو آهي ۽

مون هن کي سچائي ورتـو آهـي. ۽ منهنجي انـدر جو ڪجهه اڌورو هو اهو پورو ٿي ويو آهي-

”صرف هڪ خيال ايندو آهي ته مان هن وٽ نـه رهي سگهنديس، پر هڪ ڳالهه سوچيان ٿـي - ڌرتي تمام وڏي آهي، تنگدل به ڪانهي، هن وٽ هن جهڙا بيا به ٽڪرا هوندا. اسان جي ديش ۾ هوندا- تو هڪ دفعي چيو هو ته توکي پنهنجي ڪم جـي هڪ برانچ کولڻي آهي. جڏهن تون ڪا جڳهه سوچيندين، منهنجي هن ڳالهه تي به سوچجانءِ.... تون جيترو ڪم چوندين مان ڪنديس، ۽ اتي مان پنهنجي لاءِ هڪ ننڍڙي جڳهه ناهينديس- پنهنجي وجود جيتري ننڍي. تنهنجي ايڪتا.“

اروڻ خط کي مروٽي پاڻ سان سٺايو- ۽ پوءِ اروڻ جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو -، ”ايڪي ! هوءَ ڌرتـي ڪيڏي امير آهي جا توکي ڪنهن آسٽان جي شڪل ۾ ايترو ڪجهه ڏيئي سگهي ٿي .... پر هيءَ ڌرتي ڪيتري غريب آهـي جا توکي انسان جـي شڪل ۾ ڪجهه به ڏيئي نٿي سگهي....“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريڊيل پبليڪيشن جا ڇپايل ڪتاب

١- رات سانت سوچون	طارق عالم (ختم ٿيل)	٧—٠٠
٢- ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل يادون	محمود مغل ”	٨—٠٠
٣- بندر ديسان ديس	الطاف شيخ ”	٨—٠٠
٤- هم سفر	امرتا پريتم ”	٦—٠٠
٥- گونگي ڌرتي ٻوڙو آڪاش	”	١٠—٠
٦- اکين ۾ ڌنڌليل سپنا		١٠—٠
٧- انامڪا	الطاف شيخ ”	٥—٠٠
٨- سمونڊ جن ساڳيهه	”	٥—٠٠
٩- دنيا آهي ڪاڪ محل	”	٥—٠٠
١٠- فلسطين جي جنگ	قادر جوڻيجو ”	٥—٠٠
١١- گلن جي بغاوت	سعادت منٽو	٥—٠٠
١٢- جميله		١٠—٠
١٣- پيار جي خوشبو	ڪرشن چندر	٨—٠٠
١٤- مان انتظار ڪندس	”	٧—٠٠
١٥- ڪوڙي دنيا سچا ماڻهو	قادر جوڻيجو ”	٦—٠٠
١٦- لطيف سنڌ آهي	” ”	٨—٠٠
١٧- حڪمران غلامي	”	٥—٠٠
١٨- شاهه سچل سامي	اتم	٧—٠٠
١٩- شرابي نگاهون	امرتا پريتم	٧—٠٠

گهرائڻ لاءِ

ساگر اڪيڊمي

١٥، العمران

پرنس علي روڊ حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رائبل پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر ٢٠

پرل - ايس - بڪ

جو ڊ ايپ بيڊرڙ ناول

سونهري پشپا

گهرائڻ لاءِ

ساگر اڪيڊمي

١ ڊ- العمران پرنس علي روڊ

حيدرآباد سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رابيل پبليڪيشن جا ايندڙ ڪتاب

شهيد شاهه عنايت

ٽئگور ۽ آزادي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڦُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سڀني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڙ ڪي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)